آن لائين
# ڪاوش
# دنيا
آچر 16 مارچ 2025ع
www.thekawish.com - facebook.com/kawishdunya





**هن پرچي جا ليکڪ:**

- نصير مرزا
- ڊاڪٽر مخمور بخاري
- عزيز ڪنگراڻي
- حميده ميربحر
- ڊاڪٽر جمشيد عادل هاليپوٽو
- امر اقبال
- عبدالرحمٰن پيرزادو
- پروفيسر سليم ميمڻ
- نور محمد سمون
- الھ بخش راٺوڙ
- رڪيل موراڻي
- وسيع الدين جوڻيجو

**شاعري:** وسيم سومرو، ٻارومل امراڻي سوٽهڙ، بخش باغي، ساقي ابڙو، رحيمداد جوڳي ۽ حسن پناڻ

**ڪهاڻي:** فقير محمد سنڌي

## سچل سرمست جو 204هون عرس



# پاڻيءَ جو عالمي ڏينهن ۽ سنڌ جو پاڻي

**موسمياتي تبديلين جي ڪري پاڻيءَ جي کوٽ جو اثر اڄڪلهه پاڪستان ۾ واضح نظر اچي رهيو آهي. برساتون نه ٿيڻ ڪري ڊيم تيزيءَ سان خالي ٿي رهيا آهن. درياهن ۾ پاڻيءَ جي شديد قلت آهي. پاڻيءَ جي ان کوٽ؛ سنڌونديءَ جي ڊيلٽا ۽ پڇڙيءَ وارن علائقن ۾ سوڪهڙي واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي آهي. 2021 ۾ ورلڊ وائلڊ لائف فنڊ پاڪستان پاران ڪيل هڪ سروي مان معلوم ٿيو ته ڊيلٽائي پٽيءَ جي 75 سيڪڙو کان وڌيڪ مقامي آبادي، ڪوهن جي آلودگيءَ جي ڪري ٻاهرئين پاڻي جي ذريعن تي گذران ڪري ٿي.**



وسيع الدين جوڻيجو

پاڻي زندگي آهي. پاڻيءَ بنا هن ڌرتيءَ تي نه انسان جو وجود ممڪن آهي، نه جانورن جو ۽ نه ئي وري نباتات جو. پاڻيءَ جي اهڙي اهميت جي ڪري اسان کي دنيا جون قديم آباديون درياهن ۽ پاڻيءَ جي وسيلن ويجهو موجود نظر اينديون. پاڻي نه صرف پيئڻ، کاڌي پچائڻ، زراعت، صنعتن، تعميري ڪمن ۽ صفائيءَ جي ڪم اچي ٿو، پر ان سان گڏ سفر ڪرڻ، وزني سامان جي نقل و حرڪت ۽ بجلي ٺاهڻ لاءِ پڻ اهو استعمال ٿئي ٿو. اهوئي سبب آهي جو قدرت هن ڌرتيءَ جي اٽڪل 71 سيڪڙو حصي کي پاڻيءَ سان پري ڇڏيو آهي. دنيا ۾ لڳ ڀڳ 2.5 سيڪڙو مٺو پاڻي آهي، جيڪو گليشيئرس، درياهن، ڍنڍن ۽ جر ۾ موجود آهي. صاف پاڻي هر انسان جو بنيادي حق آهي، پر هڪ اندازي مطابق ڌرتيءَ تي موجود 2.2 ارب انسانن کي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ميسر نه آهي.


ان مسئلي کي اجاگر ڪرڻ لاءِ گڏيل قومن، ڊسمبر 1992 ۾ ٿيل هڪ اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ته هر سال 22 مارچ تي ”پاڻيءَ جو عالمي ڏينهن“ ملهايو ويندو. 1993 کان اهو ڏينهن ملهائڻ شروع ڪيو ويو. موسمياتي تبديلين ۽ تيزيءَ سان وڌندڙ آباديءَ تي ڪنٽرول نه هئڻ ڪري دنيا ۾ مٺي ۽ صاف پاڻيءَ جي کوٽ وڌندي پئي وڃي. جيڪڏهن ان کوٽ تي ڪنٽرول نه ڪيو ويو ۽ پاڻيءَ جي بيجا استعمال کي نه روڪيو ويو ته مستقبل ۾ دنيا تي ان جا هاڃيڪار اثر پوندا. ملڪي ۽ بين الاقوامي سطح تي تڪرارن ۽ جنگين جو خدشو وڌندو ۽ دنيا کي ڏڪار جهڙين حالتن کي منهن ڏيڻو پوندو.

دنيا ۾ مٺي پاڻيءَ جا وڏا ذريعا؛ گليشيئر آهن، جن کي بچائڻ سان ئي پاڻيءَ جي سنگين کوٽ تي قابو پائي سگهجي ٿو، پر موسمياتي تبديليون انهن گليشيئرس کي سخت متاثر ڪري رهيون آهن. ان ڏس ۾ دنيا کي گرين هاؤس گيسن جي وڌندڙ اخراج ۾ گهٽتائي ڪرڻي پوندي. هن وقت چين، آمريڪا ۽ انڊيا ۾ دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ گرين هاؤس گيسن جو اخراج ٿئي ٿو. معدنياتي ٻارڻ جو استعمال گهٽائي توانائيءَ جي صاف ذريعن مثلاً هوا، شمسي توانائي ۽ آبي توانائيءَ جو استعمال وڌ ۾ وڌ ڪرڻو پوندو. امن ۽ محبت وڌائي، جنگين کان پري رهڻو پوندو. جنگين دوران هوائي جهازن ۽ ٻي ٽرانسپورٽ وسيلي گرين هاؤس گيسن جو تمام گهڻو اخراج ٿئي ٿو. ان سان گڏ بمن ۽ ميزائيل حملن ۾ ٻيلن، درياهن ۽ آبادين ۾ تباهي اچي ٿي، جيڪا ماحولياتي سسٽم کي تمام گهڻو نقصان رسائي ٿي. جيڪڏهن دنيا کي ماحولياتي تبديليءَ تي ڪنٽرول ڪرڻو آهي ته گڏيل قومن جي اداري کي سخت فيصلا ڪرڻا پوندا، ڇاڪاڻ جو ماحولياتي تبديلي ڪنهن هڪ ملڪ جو مسئلو نه، پر سموري دنيا جو مسئلو آهي.

موسمياتي تبديلين جي ڪري پاڻيءَ جي کوٽ جو اثر اڄڪلهه پاڪستان ۾ واضح نظر اچي رهيو آهي. برساتون نه ٿيڻ ڪري ڊيم تيزيءَ سان خالي ٿي رهيا آهن. درياهن ۾ پاڻيءَ جي شديد قلت آهي. پاڻيءَ جي ان کوٽ؛ سنڌونديءَ جي ڊيلٽا ۽ پڇڙيءَ وارن علائقن ۾ سوڪهڙي واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي آهي. 2021 ۾ ورلڊ وائلڊ لائف فنڊ پاڪستان پاران ڪيل هڪ سروي مان معلوم ٿيو ته ڊيلٽائي پٽيءَ جي 75 سيڪڙو کان وڌيڪ مقامي آبادي، ڪوهن جي آلودگيءَ جي ڪري ٻاهرئين پاڻي جي ذريعن تي گذران ڪري ٿي. ان کان علاوه پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ڊولپمينٽ اڪنامڪس جي 2022 جي هڪ رپورٽ جو اندازو آهي ته علائقي ۾ 65 سيڪڙو کان وڌيڪ بيماريون، سڌو سنئون لوڻاٺيل ۽ آلوده پاڻيءَ جي استعمال سان ڳنڍيل آهن، جيڪي اڳ ۾ ئي پسمانده آبادي تي صحت جو بار وڌائين ٿيون. ان سان گڏ پاڻيءَ جي غير منصفاڻي ورڇ سنڌ جي عوام کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪري پيئي ته سنڌ جي مفادن کي چو نظرانداز ڪيو پيو وڃي، جيڪا پڻ پاڪستان جو هڪ اهم حصو آهي. ان پسمنظر ۾ سنڌ جي زرعي ايراضيءَ کي بنجر ڪري، صنعتن کي بند ڪري، چولستان کي سائي ڪرڻ واري فيصلي تي سنڌ جي عوام جا خدشا حقيقت ۾ بدلجندا نظر اچن پيا.

هڪ طرف ارسا جو چوڻ آهي ته پنجاب ۾ 15 کان 20 سيڪڙو پاڻيءَ جي کوٽ آهي، ته ٻئي طرف چولستان ۾ ڇهه تڪراري ڪينال اڏڻ ۽ ان کي پاڻي ڏيڻ جي منظوري سنڌ جي عوام جي سمجهه کان بالاتر آهي. ■



# سَنڌو نديءَ ۽ ڪراچيءَ شهر جي آس پاس جون نديون



عبدالرحمٰن پيرزادو

سَنڌو نديءَ جو نالو تبتي ٻولي(سانس ڪرتِ) ۾ 'سَنڌَ' ۽ فارسيءَ جي 'هندَ' لفظن مان نڪتو. انهي وقت 'فارس' ۽ 'سنڌ' نندي ڪنڌ جو ڏنگ (border)اها ندي هئي.

Richardson, Hugh E.; Wylie, Turrell V.; Falkenheim, Victor C.; Shakabpa, Tsepon W.D. (3 March 2020). "Tibet". Encyclopedia Britannica. 'historic region and autonomous region of China that is often called "the roof of the world." It occupies a vast area of plateaus and mountains in Central Asia.

ٻيو خيال اهو آهي تہ سن850 کان 600 قبل مسيح ۾ فارسي ڳالهائيندڙ 'س' کي 'ھ' اچاريندا هئا، جيئن اڄڪلھ عرب 'پ' کي 'ب' اچارن ٿا، انڪري 'سنڌ' کي 'هند' لکندا ۽ پڙهندا هئا.

خير، اسان وٽ باگڙي بہ اجا سوڌو 'س' کي 'ھ' اچاريندا آهن. اها خبر مونکي تڏهن پئي، جڏهن ريڙهيءَ واري پهريان 'هَئو' گهريو ۽ ورائي پڇڻ تي 'سَئو' چيائين. رومين وري انکي 'اندس' جي نالي سان ياد ڪيو آهي، جنهن جو بنياد انڊيگو رنگ کي چون ٿا، جيڪو اجرڪ جو بنيادي رنگ هيو. هاٺوڪو سنڌ جو، چاڪليٽي رنگ وارو اجرڪ ٽالپرن رائج ڪيو. اصلوڪو اجرڪ هاڻوڪي سرائڪي وسيب ۾ مروج آهي.

سنڌوسيپيتا تہ خير الائي ڪيترين ندين تي مشتمل آهي، پر سنڌو ثقافت بہ رڳو هڪڙي سنڌو نديءَ جي ماتريءَ وارين ثقافتن کي نہ چئبو آهي. ايستائين جو سنڌو ماتري بہ سپت سنڌو مطلب 'سَتَ سنڌا' تي مشتمل آهي. شايد اهو، اهي درياھ پار ڪرڻ کان اڳ جو نالو آهي، جو هر ندي هڪ سَنڌو هئي.


اهي درياھ، جن کي تاريخ جي مختلف دورن ۾ ست درياھ يا "ست سنڌا" ڪري لکيو ويو آهي، اهي آهن.

1. سنڌو ندي (Indus)، واديِ سنڌ.
2. سرسوتي (Saraswati)، چولستان.
3. هاڪڙو (Hakro)، ٿر.
4. مهراڻ (Mehran)، مهراڻو يا، اڇڙو ٿر.
5. چناب (Chenab)،
6. جهلم (Jhelum)،
7. راوي (Ravi)،
8. ستلج (Sutlej)۽
9. بياس( (Beasپنجاب.



14 مارچ 2025ع تي سنڌوءَ کي گلن جي ڏنل ڀيٽا

## ڪراچيءَ جون نديون



هي آهن اهي ڪراچيءَ جون نئيون ۽ نديون جيڪي چئوماسي ۾ ان کي آباد ڪنديون هيون. آباديءَ ۾ بي هنگم واڌ انهن وهڪرن کي گندي پاڻيءَ جي نالن ۾ تبديل ڪري انهن ندين ۽ انهن سان لاڳاپيل جهنگ، جر توڙي جيوت جون زندگيون تباھ ڪري ڇڏيون آهن.

**1 گونگي نئن:**

هيءَ ڪيماڙيءَ وٽ عربي سمنڊ وسيلي سنڌمهاساگر (Indian occian)جي عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي.

**2 ڳجهڙي نئن:**

هيءَ اتر کان ڪراچيءَ جي هاڻوڪين سرحدن مان شروع ٿي وڃي لياري نديءَ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي.

**3. حب ندي**

حب ندي پب جبل، لسٻيلو، بلوچستان کان شروع ٿي اچي رسمونزئي واري هنڌان عربي سمنڊ وسيلي سنڌمهاساگر ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. حب نديءَ ۾ سروٽا، سموتري ۽ ويرا نالن واريون نئيون ڇوڙ ڪنديون آهن.

**4. لياري ندي**

هيءَ ڪراچي شهر جي اتر_اوپر کان شروع ٿي اولھ طرف منهوڙي وٽ اچي عربي سمنڊ وسيلي سنڌمهاساگر ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. رستي ۾ ڳجهڙي ندي بہ ان ۾ شامل ٿيندي هئي.

**5 . ملير ندي**

ڪراچي شهر جي اتر_ اوپر کان شروع ٿي هيءَ ندي اڀرندي طرف ڪورنگي ڪريڪ وٽان اچي عربي سمنڊ وسيلي سنڌمهاساگر ۾ ڇوڙ ڪندي آهي. ملير نديءَ ۾ ٿڏو ۽ سکان نديون پڻ ڇوڙ ڪنديون هيون.

**6 . اورانگهي ندي:**

هيءَ ندي پڻ ڪراچي شهر جي اتر_اوپر کان شروع ٿي شهر جي وچان گذرندي وڃي عربي سمنڊ وسيلي سنڌمهاساگر ۾ ڇوڙ ڪندي هئي.

**7 _ نئين سُوٽا**

ڪراچي شهر جي اتر_اوپر کان شروع ٿي ڏکڻ طرف هاڪس بي وٽان اچي عربي سمنڊ وسيلي سنڌمهاساگر ۾ ڇوڙ ڪندي هئي.

**8. ٿَڏو ندي:**

هيءَ ڪراچي شهر جي اتر_اوپر کان شروع ٿي ڏکڻ طرف اچي ملير نديءَ ۾ ڇوڙ ڪندي آهي.

باقي ڪيرٿر جو نئيون جيڪي سنڌوءَ ۾ شامل ٿينديون هيون، انهن جو تفصيل نٿو ملي، خاص ڪري اَمري ندي جنهن جي تهذيب کي هاڻ غلط العام "آمري" ٿا چئون. ■


ٽائيٽل سعيد منگي





ڪوٽڙي بئراج ڪان هيٺ سنڌو درياهه جو هڪ منظر (تصوير انڊيپينڊنٽ جي ٿورن سان)

# سنڌ ۾ پاڻيءَ جو بحران ۽ سنڌ سرڪار جي ذميواري

سنڌ جي زرعي علائقن ۾ هرهنڌ سُڪل زمين، پريشان هاري ۽ پاڻيءَ جي سخت کوٽ نظر اچي ٿي. بدين، ٺٽو، سانگهڙ ۽ عمرڪوٽ جهڙن ضلعن ۾ سرسبز فصل هاڻ سڪي بنجر بڻجي ويا آهن ۽ هر سال هزارين ايڪڙ زمينون غيرآباد ٿي رهيون آهن. غريب هاري قرضن ۾ ڦاسي رهيا آهن، ۽ سندن گذر سفر ڏينهون ڏينهن مشڪل ٿيندو پيو وڃي . ٻئي طرف انڊس ڊيلٽا ٻه تباهيءَ جي ڪناري تي پهتل آهي، جتي درياهه جو مٺو پاڻي گهٽجڻ سبب سمنڊ مٽي کاهيندو پيو اچي ۽ ڪيٽي بندر، سجاول ۽ ٻين ساحلي علائقن ۾ هزارين ماڻهو لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن.


حميده ميربحر

سنڌو درياهه صدين کان سنڌ جي زراعت، معيشت ۽ ماحولياتي نظام جو مرڪز رهيو آهي، پر اڄ اهو پاڻي بحران جو شڪار آهي. اڄ نوان واهه ٺاهڻ خلاف سنڌ ۾ احتجاج زور وٺي رهيا آهن ۽ ”سنڌو تي وڌيڪ واهه نه“ جو نعرو سنڌ جي عوام جو آواز بڻجي چڪو آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌي سمجهن ٿا ته وڌيڪ پاڻي روڪڻ سان سنڌ سوڪهڙي جو شڪار ٿي ويندي ۽ هتان جي معيشت توڙي زراعت تباهه ٿي ويندي.

پر جڏهن سنڌ پنهنجي پاڻيءَ جي حق لاءِ وڙهي رهي آهي، تڏهن سڀ کان اهم سوال اڀري ٿو ته سنڌ حڪومت هن جنگي حالتن ۾ ڪٿي ۽ ڪنهن سان بيٺل آهي؟ سياسي اڳواڻ پاڻيءَ جي غير منصفاڻي ورهاست خلاف بيان ته ڏين ٿا، پر سندن عمل ڪجهه ٻيو ٻڌائي ٿو.

**پاڻي جي کوٽ سنڌ صوبي جي ماڻهن جي جياپي جي جنگ**

جيڪڏهن سنڌ جي زرعي علائقن جو جائزو وٺجي، ته هر هنڌ سُڪل زمين، پريشان هاري ۽ پاڻيءَ جي سخت کوٽ نظر ايندي. بدين، ٺٽو، سانگهڙ ۽ عمرڪوٽ جهڙن ضلعن ۾ سرسبز فصل هاڻ سڪي بنجر بڻجي ويا آهن ۽ هر سال هزارين ايڪڙ زمينون غيرآباد ٿي رهيون آهن. غريب هاري قرضن ۾ ڦاسي رهيا آهن، ۽ سندن گذر سفر ڏينهون ڏينهن مشڪل ٿيندو پيو وڃي.

ٻئي طرف انڊس ڊيلٽا ٻه تباهيءَ جي ڪناري تي پهتل آهي، جتي درياهه جو مٺو پاڻي گهٽجڻ سبب سمنڊ مٽي کاهيندو پيو اچي ۽ ڪيٽي بندر، سجاول ۽ ٻين ساحلي علائقن ۾ هزارين ماڻهو لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. ڇاڪاڻ ته اتي هاڻي نه زراعت باقي رهي آهي ۽ نه ئي مڇي مارڻ جو ڪو وسيلو رهيو آهي. انهيءَ صورتحال ۾ سنڌ جي عوام جو مطالبو چٽو آهي ته سنڌ جو پاڻي بند نه ڪيو، سنڌو درياهه کي وهڻ ڏيو!

**پاڻيءَ جي سياست: ذميوار ڪير؟**

سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ پاڻيءَ جي ورڇ جو مسئلو ڪو نئون ناهي. 1991 پاڻي معاهدو سڀني صوبن ۾ برابريءَ سان پاڻيءَ جي ورڇ لاءِ ٺاهيو ويو هو، پر سنڌ هميشه اها شڪايت ڪندي رهي آهي ته ان کي سندس حصي جو پاڻي نه ٿو ڏنو وڃي. انڊس ريوَر سسٽم اٿارٽي (IRSA) تي الزام آهي ته، اها پنجاب جي حمايت ڪندي سنڌ کي نقصان پهچائي ٿي.

پر سوال اهو آهي ته ان سڄي معاملي ۾ ڇا رڳو وفاقي حڪومت ۽ پنجاب ئي ذميوار آهن؟ يا سنڌ حڪومت ٻه ان ۾ برابر جي ڀاڱي ڀائيوار آهي ؟

جيتوڻيڪ سنڌ حڪومت هميشه نون واهن جي مخالفت ۾ بيان ڏنا آهن، پر حقيقت ۾ ان ٻاران ڪا عملي ڪارروائي نظر نٿي اچي. صوبائي اسيمبليءَ ۾ ٺهراءُ منظور ڪيا ويا، ميڊيا ۾ بيان ڏنا ويا، پر جڏهن قانوني يا سياسي ميدان ۾ سخت موقف اختيار ڪرڻ جو وقت آيو، تڏهن سنڌ حڪومت خاموش رهي.

ڇو سنڌ حڪومت نون واهن جي معاملي کي عدالت ۾ نه ٿي کڻي وڃي؟ ڇو اها ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽس (CCI) ۾ هن معاملي کي سختيءَ سان نٿي اٿاري؟ ڪجهه ماهرن جو خيال آهي ته سنڌ جي حڪمران جماعت جا وفاق سان سياسي مفاد جڙيل آهن، ان ڪري اها هن اهم سياسي مسئلي تي ڪمزور موقف اختيار ڪري ٿي.

ٻئي طرف سنڌ جي اندروني حالتن تي نظر وجهجي ته صورتحال اڃان ٻه بدتر لڳي ٿي. سنڌ جي وڏيرن ۽ سياسي ماڻهن جا هٿ پاڻي چوريءَ ۾ آهن.

آبپاشيءَ جا عملدار رشوت وٺي وڏن زميندارن کي پاڻي وڪرو ڪن ٿا، جڏهن ته عام هاري پاڻيءَ لاءِ سڪندا رهن ٿا. واهن ۽ شاخن مان پاڻي غير قانوني طور چوري ڪيو وڃي ٿو، پر حڪومت ڪا ٻه ڪارروائي نٿي ڪري. آبپاشيءَ جي نظام جي سڌاري لاءِ رکيل فنڊ ڪرپشن جي ورچڙهي وڃن ٿا، ۽ نتيجي ۾ پاڻيءَ جو بحران شدت اختيار ڪري ٿو.

جيڪڏهن سنڌ حڪومت واقعي پاڻيءَ جي حق لاءِ وڙهي رهي آهي، ته پوءِ پنهنجي ئي صوبي اندر ٿيندڙ ڪرپشن خلاف ڇو نٿي وڙهي؟ ۽ وفاقي حڪومت خلاف ڇٽو ۽ سڌو سنئون اختلاف ڇو نٿي درج ڪرائي؟

**هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي؟**

سنڌ جو عوام لفظن جي ڳاله ٻولهه نه، پر عمل چاهي ٿو. جيڪڏهن سنڌ جو پاڻي بچائڻو آهي ته حڪومت کي هيٺيان قدم کڻڻا پوندا:

1. غير منصفاڻي واهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، بجاءِ ان جي جو صرف بيان ڏنا وڃن.
2. سنڌ جي اندر ٿيندڙ پاڻي چوريءَ تي ڪنٽرول ڪيو وڃي، ۽ ڪرپٽ عملدارن خلاف سخت قدم کنيا وڃن.
3. 1991 پاڻي معاهدي تي سختيءَ سان عمل ڪرائڻ لاءِ وفاق سان ڳالهين ۾ مضبوط موقف اختيار ڪيو وڃي.
4. انڊس ڊيلٽا کي بچائڻ لاءِ فوري طور تي پاليسيون لاڳو ڪيون وڃن.

سنڌ جا ماڻهو سالن کان پاڻيءَ جي حق لاءِ وڙهندا رهيا آهن. احتجاج ڪيا ويا، درخواستون ڏنيون ويون، آواز اٿاريا ويا، پر حڪمرانن جي طرفان ڪا ٻه سنجيده ڪارروائي نظر نٿي اچي. هاڻ فيصلو سنڌ حڪومت کي ڪرڻو آهي ته: ڇا اها پنهنجي عوام سان گڏ بيهندي، يا خاموش تماشائي بڻيل رهندي؟

هڪ ڳالهه طئي آهي ته جيڪڏهن انڊس درياهه خشڪ ٿي ويو، ته سنڌ ۽ سنڌين جو وجود ٻه ختم ٿي ويندو. هاڻي اها جياپي جي جنگ آهي، جنهن ۾ اسان سڀني جو فرض آهي ته هر ممڪن طريقي سان پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايون پر عملي طرح سنڌ ۽ وفاقي حڪومت کان پنهنجي جائز حقن جي بحالي تائين جدوجهد جاري رکون. ■


ptv.com.pkتان ورتل

# جعفر ايڪسپريس وارو افسوسناڪ واقعو

**پاڪستان گذريل چوٿائي صدي کان دهشتگرديءَ جي اهڙن واقعن کي مُنهن ڏئي رهيو آهي. هڪُ وقت هو جو دهشتگردي سموري ملڪ تائين پکڙجي وئي هئي، جنهن عرصي دوران هزارين شهري ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار شهيد ٿيا ۽ انهن مختلف آپريشنس کان پوءِ شهيدن جي قربانين رنگ لاتو ۽ وانا، وزيرستان ۽ سوات وغيره سوڌو ملڪ ۾ دهشتگرديءَ جا واقعا هڪ حد تائين گهٽجي ويا. هينئر سنڌ ۽ پنجاب دهشتگرد ڪارروائين کان بچيل آهن، جڏهن ته بلوچستان ۽ ڪي پي ڪي صوبا بدقسمتيءَ سان هڪ ڀيرو وري منظم دهشتگرديءَ جو شڪار ٿيا آهن.**



نور محمد سمون

ڪوئيٽا کان پشاور ويندڙ جعفر ايڪسپريس اها واحد ريل گاڏي آهي، جنهن کي ملڪ جي چئني صوبن مان گذرڻ ڪري ٻين ريل گاڏين کان وڌيڪ قومي يڪجُهتي جي علامت سمجهيو ويجي ٿو. 9 گاڏن واري هن ريل گاڏيءَ تي بولان جابلو سلسلي جي ”واري“ وارين سرنگهن جي وچ ۾ انتهائي ڏکئي هنڌ_ ڍاڍر جي ويجهو خودڪش بمبارن سوڌو درجنين دهشتگردن پاران اڱاري، 11 مارچ 2025 تي ڪيل حملو ۽ عورتن ۽ ٻارڙن سميت اٽڪل 425 مسافرن کي يرغمال بنائڻ واري اها واردات نه رڳو پاڪستان پر دنيا ۾ مسافر ريل گاڏيءَ کي هائيجيڪ ڪرڻ جي هڪ انوکي ۽ افسوسناڪ واردات ليکي وڃي پئي. بهرحال پاڪستان جي فورسز هڪ ڪامياب آپريشن ذريعي 33 دهشتگردن کي ڪيفرِ ڪردار تي پهچائي، يرغمال بڻايل مسافرن ۽ جوانن کي ڇڏائي ورتو.

پاڪستان گذريل چوٿائيِ صدي کان دهشتگرديءَ جي اهڙن واقعن کي مُنهن ڏئي رهيو آهي. هڪُ وقت هو جو دهشتگردي سموري ملڪ تائين پکڙجي وئي هئي. پشاور جي آرمي پبلڪ اسڪول، ڪوئيٽا ۾ وڪيلن جو هڪ وڏو مارو به ٿيو. ڪراچيءَ جي نيوي جي ٺڪاڻن کان وٺي سيوهڻ ۾ لال شهباز قلندر، قمبر جي درگاهه لاهور ۾ داتا دربار ۽ پنجاب ۾ به هوائي ۽ بري فوج جا ٺڪاڻا توڙي پوليس ٿاڻا به دهشتگردي جو لڳاتار نشانو بڻجي رهيا هئا. ان عرصي دوران هزارين شهري ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار شهيد ٿيا ۽ انهن مختلف آپريشنس کان پوءِ شهيدن جي قربانين رنگ لاتو ۽ وانا، وزيرستان ۽ سوات وغيره سوڌو ملڪ ۾ دهشتگرديءَ جا واقعا هڪ حد تائين گهٽجي ويا.

هاڻ سنڌ ۾ سنڌو درياهه مان 6 ڪئنال ڪڍڻ خلاف سنڌي عوام پرامن احتجاج ڪندي رستن تي نڪري آيل آهي، تنهن هوندي به سنڌ ۽ پنجاب دهشتگرد ڪارروائين کان بچيل آهن، جڏهن ته بلوچستان ۽ ڪي پي ڪي صوبا بدقسمتيءَ سان هڪ ڀيرو وري منظم دهشتگرديءَ جو شڪار آهن.

دنيا جي جنگي تاريخ روايتي، غير روايتي توڙي پراڪسي جنگين سان ڀري پئي آهي. عالمي سپر طاقتن سميت ڪيترين ئي رياستون پراڪسي جنگين ذريعي ٻين جي ڪلهي تي بندوق رکي، پنهنجي مخالف رياستن خلاف اها هلائيندون رهنديون آهن. ان ڪم لاءِ پنهنجي مخالف رياستن جون ڪمزوريون ڳولي انهن کي پنهنجي حق ۾ استعمال ڪنديون رهن ٿيون.


جعفر ايڪسپريس هائيجيڪنگ ڪيس بابت بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز بگٽيءَ سان گڏ به ڏينهن اڳ پريس ڪانفرنس ڪرڻ دوران پاڪ فوج جي ترجمان ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف ٻڌايو پئي ته. دهشتگرد جعفر ايڪسپريس حملي دوران سرحد پار پنهنجون ڏوريون سنڀاليندڙن سان رابطي ۾ رهي ڪارروائيءَ کان لڳاتار کين آگاهه ڪندا ۽ انهن کان هدايتون حاصل ڪندا رهيا هئا. هن اتان اسڪرين تي 2 دهشتگردن جون اهڙيون تصويرون به ڏيکاريون جن مان هڪ بابت هو پنهنجي انٽيليجينس معلومات جي آڌار تي اعتماد سان حيرتناڪ انڪشاف ڪري رهيو هو ته، هڪ دهشتگرد افغانستان جي پڪتيا صوبي جي گورنر جو پٽ ۽ ٻيو افغان فوج جو ڪمانڊر رهيو آهي.

ان پريس ڪانفرنس ۾ هن حملي ۾ افغانستان جي ملوث هئڻ کان سواءِ هندستان تي به سهولتڪاري جا الزام هڻندي اهڙا وڊيو ڪلپس به ڇِتا ڏيکاريا ويا، جن ۾ هندستان جو هڪ اڳوڻو آرمي چيف، هاڻوڪو نيشنل سيڪيورٽي ايڊوائيزر اجت دوول ۽ ٻيا بلوچستان ۾ دهشتگردن جي ڀرپور مدد ڪري پاڪستان کي غير مستحڪم بنائڻ جي ناپاڪ ارادن جو کليو اظهار ڪري رهيا هئا. جنرل احمد شريف انهن وڊيوز بابت پاڻمرادو وضاحت به ڪري رهيو هو ته اهي هٿرادو ذهانت ذريعي ٺاهيل نه، پر حقيقي وڊيوز آهن.

دهشتگرديءَ جي هن نئين لهر کي روڪڻ لاءِ جنگي بنيادن تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. حڪومت کي گهرجي ته جتي به طاقت استعمال ڪرڻ جي ضرورت هجي، اتي اها استعمال ضرور ڪري، پر ان سان گڏ اڳئين ڏر جون شڪايتون ٻڌڻ ۽ اهي دور ڪرڻ لاءِ انهن سان ڳالهين جو دروازو به کولي رکي. بهرحال هيءُ ملڪ جي پرامن عوام ۽ ملڪي سلامتيءَ جي لاءِ هڪ تڪليف ڏيندڙ واقعو هو، جنهن جي جيتري به نندا ڪجي، سا گهٽ آهي. ■

# ماهتاب محبوب: سنڌي ادب جو هڪ دؤر

**اردو ادب ۾ جيئن عصمت چغتائي، سعادت حسن منٽو ۽ راجندر سنگهه بيدي پاڻ ۾ پيچي ڪهاڻيڪار آهن، ائين حقيقت نگاري، نج نبار ٻولي ۽ ڪردارنگاري سبب ماهتاب محبوب صاحبه وري جمال ابڙي، نسيم کرل ۽ غلام رباني آگري سان مدمقابل نظر ايندي، خاص ڪري سندس ڪهاڻين ’سريت‘، ’منٺي مراد‘ ۽ ’مريم جو بت‘ ڪي موهن ڪلپنا، عالمي سطح جون ڪهاڻيون سڏيو آهي. نفاست، نزاڪت ۽ تڪيل توريل اسلوب ۾ ادي ماهتاب جي ڪهاڻي ’مريم جو بت‘ ڪي ته موهن ڪلپنا، ويهين صديءَ جي سنڌي ڪهاڻين ۾ ’تاج محل‘ جو درجو ڏنو آهي.**



نصير مرزا

ماهتاب محبوب صاحبه، پنهنجي وجود ۾، هڪ ڀرپور ادبي دؤر جو نالو آهي. ڪيترين ئي سدابهار ۽ سداحيات تحريرن جي سرجڻهار، ادي ماهتاب ڪي، سندس شاندار ادبي ڪارنامن جي نسبت ۾ عقيدت جون هي چار سٽون ارپيندي، هن جا ٻه عاليشان رهائشي بنگلا اکين جي آڏو ڦري ويا اٿم.... ”ارم نما لطيف آباد“ ۽ ”ارم نما — سٽيزن سوسائٽي قاسم آباد“ ۽ انهن ٻنهي گهرن ۾ رهندي، هُن سنڌي ادب کي ڇا ته شاندار شاندار ۽ شاهڪار تحريرون ۽ ڪتاب ڀيٽ ڏنا. ”چانديءَ جون تارون،“ ”پرهه کان پهرين،“ ”منٺي مراد،“ ”پلصراط،“ ”لهر لهر زندگي،“ ”جيءَ جهروڪا،“ ”ورهاڱي جو ورجاءُ،“ ”اندر جنين اُج،“ ”سرهي سرهي سار،“ ”خواب خوشبو ڇوڪري،“ ”پيار پناهون چانورا،“ ”ماڪيءَ منا ماڻهو،“ ”چندٻ چهرا،“ ”هي حَسن!،“ ”سوچون سمنڊ سمان،“ ۽ ”پارس پل اداس لمحا.“

آئون ڀانئيان ٿو، سنڌيءَ جي هوءَ اهڙي واحد ليکڪا آهي، جنهن هر سنڌي ليکڪا کان وڌيڪ ۽ هر صنف تي لکيو آهي، جيئن ڪهاڻيون، ناول، خاڪا، سفرناما، ڪالم ۽ مضمون. بيشڪ سنڌي ٻوليءَ جي ڪجهه نمايان ليکڪائن جون لکڻيون، ستارا ستارا آسمان آهن، پر انهن سڀني ستارن ۾، ادي ماهتاب محبوب جو ثقافتي نثري اسلوبُ، جڻ تارن ۾ ”چوڏهينءَ جو چنڊ.“

اردو ادب ۾ جيئن عصمت چغتائي، سعادت حسن منٽو ۽ راجندر سنگهه بيدي پاڻ ۾ پيچي ڪهاڻيڪار آهن، ائين حقيقت نگاري، نج نبار ٻولي ۽ ڪردارنگاري سبب ماهتاب محبوب صاحبه وري جمال ابڙي، نسيم کرل ۽ غلام رباني آگري سان مدمقابل نظر ايندي، خاص ڪري سندس ڪهاڻين، ’سريت‘، ’منٺي مراد‘ ۽ ’مريم جو بت‘ ڪي موهن ڪلپنا، عالمي سطح جون ڪهاڻيون سڏيو آهي. نفاست، نزاڪت ۽ تڪيل توريل اسلوب ۾ ادي ماهتاب جي ڪهاڻي ’مريم جو بت‘ ڪي ته موهن ڪلپنا، ويهين صديءَ جي سنڌي ڪهاڻين ۾ ’تاج محل‘ جو درجو ڏنو آهي. ڪهاڻين يا غير افسانوي نثر ۾ ماهتاب صاحبه وٽ ڇا ته نج نبار سنڌي ۽ گڏوگڏ سرائيڪي محاورن تي به ڪي هن پورو عبور. هونئن سندس ڪهاڻي ’پل ڪليري ڀاڄائي‘، ’ڏڱو پير پيران‘، ’ٻليٽن‘، ’پوري وچ‘ يا ياد ڪتاب ’پارس پل اداس لمحا‘ جا ڪيئي چيپٽر، ماهتاب صاحبه جي نثر ۾ جيڪا wit ۽ satireآهي، اها ته matchlessآهي.

جيتوڻيڪ ماهتاب صاحبه خالص گهريلو خاتون، سوشل ته قطعي به نه، پر فطري طرح سان ڪمال جي مشاهده ڪار ـ ۽ جنهن جو اظهار ۾ ايترو ته پُراثر اسلوب، جو بقول آغا سليم صاحب، ”جي ماهتاب جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪا خاتون نڪ کي موڙو ڏئي ٿي ڳالهائي ته، هن جي ڪهاڻي ان ئي طرف مڙيو ٿي وڃي.“ رام پنجواڻي صاحب چواڻي، ”ماهتاب وٽ خيالن جو اڻ کُٽ خزانو آهي.“ هتي منهنجو وري خيال آهي ته ڪهاڻي ”سريت“ يا ناول ”خواب خوشبو ڇوڪري“ واري ٽين ايجر ’صنم‘ يا ناول ’پيار پناهون چانورا‘ ۾ ’رمل‘ ۽ انهن ٻنهي ناولن ۾ نهايت حساس موضوعن تي، هن قلم کنيو آهي. ادي ماهتاب، اڄهو جن جن رهائشي گهرن ۾ اهڙيون تخليقون تحرير پئي ڪيون، انهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن شاندار فيملي گيدرنگس ۽ ڪڏهن وري نئين ارم نما سٽيزن ۾ هائوس وارمنگ پارٽي دؤران، کهڙين کهڙين نه، ادبي ۽ فني هستين کي بلڪل ڀرپون پيرو مون روبرو ڏٺو، جيئن محمد ابراهيم جويو صاحب، سوڀو گيانچنداڻي صاحب، رسول بخش پليجو صاحب، شيخ اياز صاحب، امر جليل، آغا سليم، نسيم کرل، ذوالفقار راشدي، رشيده حجاب، حميد سنڌي، امداد حسيني، تاج بلوچ، ثميره زرين، طارق اشرف، ظفر حسن شاهه، مصطفيٰ قريشي، روبينه مصطفيٰ قريشي ۽ بيدل مسرور وغيره.

اڄهو اهڙين نجي ۽ گهريلو گيدرنگس کان قطع نظر، ادي ماهتاب عام ادبي تقريبات، مهورتن جي محفلن يا ادبي ميلن سميلن کان هميشه پري ئي ته رهي آهي. پر شديد زور بار تي، ڪنهن محفل يا مهورت ۾ هُوءَ نظر ايندي به آهي ته، نمايان نمايان پئي نظر ايندي آهي. تڏهن هر ڪو سندس اڳيان وڌي، ساڻس ملڻ ۽ گڏ تصوير ڪڍرائڻ جو خواهشمند پيو لڳندو آهي. حاويلين ۽ پراڻن وضعدار گهرن ۾ رهندڙ ۽ وسندڙ منفرد وڏيراڻين، بيبين، خادمائن ۽ شيدياڻين جي







ڪاٻي پاسي کان (ويٺل): محمد ابراهيم جويو، رئيس ڪريم بخش نظاماڻي، مهتاب محبوب، پير حسام الدين راشدي، غلام رباني آگرو۔ (ڪاٻي پاسي کان بيٺل): خان محمد پنهور، محبوب شيخ ۽ امين ماتلوي

ڪردارن ۽ پنهنجي افسانوي ادب ۾ شهري زندگيءَ جي الترامادرن خواتين کي نهايت ذهانت سان لکندڙ، ادي ماهتاب صاحبه جي موسيقي ۽ فلمن بابت به، ڇا ته زبردست ٽيسٽ.... خاص ڪري موسيقي جي حوالي سان فقير امير بخش جا ڳايل هي سرائيڪي ڪلام، ”هجت نه هلندي وسُ نهين چلدا،“ يا سچل سائينءَ جي ڪافي ”سُڻ بات برهه دي ڪيهي“ ـ ۽ هي ٻئي ڪافيون ڪين ڪيڏيون نه وڻنديون آهن. ائين دليپ ڪمار، نرگس ۽ راجڪپور جي رومانوي ۽ ميوزيڪل فلم ’انداز‘ به، ادي ماهتاب جي پسند جي خاص فلم آهي. هونئن فلم ’انداز‘ جو هيرو راجڪپور، هئو به ته صفا ادا محبوب شيخ صاحب جهڙو. انهيءَ فلم جو، هي سين ته، ادي ماهتاب وانگر منهنجي به ڪمزوري سمجهو، جنهن ۾ نرگس پيانو جي سطح تي ٺونٺيون رکي، پنهنجي چهري کي ٻُڪ ۾ جهلي، دليپ ڪمار کي ڏسندي ٿي رهي ۽ دليپ صاحب، پيانو تي آڱريون ڦيرائي ڳائي ٿو: ”اور آگ مين اپني دل کي هر دل مين لگاتا جائون، دُک درد مِٽاتا جائون... تو کهي اگر“ ۽ ان منظر ۾ ڊانسر ”ڪَڪُو“ جو رقص ۽ اُهو به واهه وا....

هتي هيءَ ڳالهه به لکندو هلان ته، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو وانگر، ادي ماهتاب جي من پسند فلمي هيروئن به، ڪا ٻي نه، صرف نرگس ـ ۽ ان حد تائين وڻندڙ، جو مئٽرڪ جي امتحان ڏيڻ وقت اگزيمنيشن هال ۾ ڪاليج جي پرنسپال آپا مريم صاحبه تي هُن جي نظر ٿي پئي ته بي اختيار، چپن مان نڪري ٿو وڃيس، ”اڙي واهه! هيءَ فلم اسٽار نرگس، هتي وري ڪٿان اچي ويئي؟“

گڏوگڏ ڪنهن پڙهندڙ کي جي حيدرآباد ۽ ان جي پسگردائيءَ واري سلوڻي سنڌي ٻولي، محاورو، تشبيهون، رئيساڻن گهرن، ڏيڏين ۽ تعويض ڦيٽو ڪندڙ بيبين، حاويلين جي اندرئين ماحول، پينگهن، جنڊيءَ جي پاون وارين ڪتن، منجُن، مُوڙن، نِمن ۽ سرينهن جي وڻن وارن ڪشاده اڱڻن، ورانڊن ۽ انهن ۾ گهيتلن ۽ جتين سان ڪسڪ ڪسڪ ڪري هلندڙ ٻانهين ۽ وڏيرين جي دڙڪن دهمانن کي جي ٻڌڻو ۽ ڏسڻو هجي، ته اُهي سڀ، ادي ماهتاب جي افسانوي مجموعن ’چانديءَ جون تارون‘، ’منٺي مراد‘ ۽ ’پرهه کان پهرين‘ جو مطالعو ڪن.

تازو ماهتاب محبوب صاحبه پنهنجي يادگيرين بابت هي جيڪو ڪتاب لکيو آهي: ”پارس پل، اُداس لمحا،“ مون کي يقين آهي ته سندس هنن شاهڪار ڪتابن ’اندر جنين اُج‘، ’منٺي مراد‘، ’جيءَ جهروڪا‘ ۽ ’چندٻ چهرا‘ وانگر ان کي به وڏي مڃتا ملندي. ■

# ملازمت يا ڪاروبار؟

## هن وقت سڄي دنيا ۾ بيچيني ۽ اٿل پٿل واري حالت آهي

هن وقت ملڪ جون جيڪي معاشي حالتون آهن، ۽ ڪيئن ملڪ جو ڪاروهنوار اوڌر تي پيو هلي، ان ۾ نوڪري ڪرڻ ۽ مراعتون ماڻڻ وارا اڳوڻا مزا هاڻي آهستي آهستي ختم پيا ٿين ۽ ملازم بي يقينيءَ واري صورتحال ۾ رهڻ لڳا آهن، ته ڪنهن به مهل ڪين اضافي يا واڌو ڄاڻائي Downsizingڪري فارغ ڪيو ويندو. اهو اونو هاڻ نوڪري ڪندڙن سان هميشه درپيش ايندو رهندو، ڇاڪاڻ ته سڄي دنيا ۾ هڪڙي بيچيني ۽ اٿل پٿل واري حالت آهي. ٻئي پاسي سماجي ۽ سياسي اٿل پٿل کي جانچجي ته هن دور ۾ ڪاروبار وري به اوهان لاءِ ڪنهن قدر فائدي وارو ٿي سگهي ٿو.



ڊاڪٽر جمشيد هاليپوٽو

پاڪستان جي ڪاروهنوار ۽ سماجي سرشتي ۾ ڪاروبار ۽ ملازمت پيشه هئڻ مان ڪهڙو ڪم لاڀائتو ٿيندو؟ ان جو دارومدار گهڻو تڻو توهان جي ذاتي پسند ۽ حالتن تي به آهي، چاهي توهان بزنس جو شعبو اختيار ڪريو ۽ هڪ اپرندڙ Entrepreneurبڻجو يا مقرر پگهار تي وڃي نوڪري حاصل ڪريو. ٻنهي جا مخصوص فائدا به آهن، ته ٻنهي شعبن ۾ گهڻيون ڏکيائيون به پيش اچن ٿيون.

جيڪڏهن ملازمت واري شعبي جو جائزو وٺبو ته اهو هينئر به گهڻن ماڻهن جي پهرين پسند، گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي مخصوص حالتن ۾ ته آهي. ان جو هڪ ڪارڻ اهو به آهي ته نوڪري ڪرڻ واري کي هڪڙو مالي استحڪام ملي وڃي ٿو ۽ نوڪري ڪرڻ وارو مالي طور تي پاڻيرو پائنجي ٿو، خاص طور سرڪار جا ملازم ته صحت، انشورنس، پينشن ۽ پگهار سان گڏ مليل Paid leave (موڪلن) واري سهولت جو گهڻو لاڀ حاصل ڪن ٿا. اسان جي خاص سماجي جوڙجڪ ۾ روائتي قدامت پسند اصولن وارن گهراڻن ۾ اڄ به ڪنهن وڏي سرڪاري اداري جي نوڪري سماجي احترام، ڪاميابي ۽ ناماچاري طور شمار ٿئي ٿي. ٻيو وري اسان جي آرام پسند سماج ۾ پنج کان اٺ ڪلاڪ، جنهن ۾ به ڪلاڪ به ماني جو وقفو ٿئي، واري نوڪري ڪاروبار کان وڌيڪ پسند ڪئي وڃي ٿي ۽ هاڻوڪي دور ۾ به لکين نوجوان اهڙي نوڪريءَ جا طلبگار لاءِ ملندا، جيڪي چون ٿا ته، ڪين روزگار لاءِ مهيني وار پگهاردار نوڪري کپي. پر جيڪڏهن اسان چوڌاري نظر گهمايون، globallyحالتن جو جائزو وٺون ۽ رڳو گوگل سرچ انجڻ کان ئي پڇون ته، خبر پوندي ته پاڪستان جي موجوده حالتن ۾ سرڪاري نوڪري ڪرڻ ڪو گهڻو لاڀائتو ۽ جٽادار عمل ڪونهي، ڇاڪاڻ ته هاڻ پوري دنيا وانگر هتي به نوڪرين (Employment)جا موقعا ۽ وسيلا گهٽجندا پيا وڃن ۽ ٻيو وري نوڪريءَ ۾ اڳتي وڌڻ جي رفتار گهڻي سست به ٿي آهي ۽ توهان کي ڪنهن به اهم ۽ اثرائتي عهدي تائين پهچڻ ۾ 20 کان 25 سال به لڳي سگهن ٿا.

ٻيو اهو ته نوڪريءَ ۾ اوهان ڪنهن قسم جي آزادي يا پنهنجيءَ مرضي جا مالڪ نه ٿا ٿي سگهو. ورهين کان نهيل قانون جي ور چڙهي، پنهنجو مزاج تبديل ڪري، پاڻ "جي حضوريءَ" سان هلڻ واري روش پيدا ڪرڻي پوي ٿي. نوڪري ڪندڙ تڏهن وڃي ڪي چند مراعات حاصل ڪن ٿا. آزاد خيال نوجوان وري نوڪريءَ جي مخصوص "حاضر سائين" ۽ صاحب جي عهدي ۾ وري مختلف نفسياتي مونجهارن جي ور به چڙهيو وڃن. انهن آزارن جي هوندي نوڪري ڪرڻ وارو رينگت به بهرحال في الوقت اسان جي سماجي بيهڪ ۾ موجود آهي. ساڳئي طرح هن وقت ملڪ جون جيڪي معاشي حالتون آهن، ۽ ڪيئن ملڪ جو ڪاروهنوار اوڌر تي پيو هلي، ان ۾ نوڪري ڪرڻ ۽ مراعتون ماڻڻ وارا اڳوڻا مزا هاڻي آهستي آهستي ختم پيا ٿين ۽ ملازم بي يقينيءَ واري صورتحال ۾ رهڻ لڳا آهن، ته ڪنهن به مهل ڪين اضافي يا واڌو ڄاڻائي Downsizingڪري فارغ ڪيو ويندو. اهو اونو هاڻ نوڪري ڪندڙن سان هميشه درپيش ايندو رهندو، ڇاڪاڻ ته سڄي دنيا ۾ هڪڙي بيچيني ۽ اٿل پٿل واري حالت آهي.

ٻئي پاسي ان سماجي ۽ سياسي اٿل پٿل کي جانچجي ته هن دور ۾ ڪاروبار وري به اوهان لاءِ ڪنهن قدر فائدي وارو ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته مارڪيٽ ۾ شين جي گهرج ۽ رسد توڙي مختلف موسمن جي اوچتو تبديل ٿيڻ (Climate Change)سان گڏ ٻين گهڻين ڳالهين جي ڪري گهڻو منافعو ڪمائي سگهجي ٿو. ڪاروبار جي Globalizeهئڻ ڪري توهان دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ ڪنهن به خاص اسم جي واهپيدارن کي اهم اسم (Commodity)بروقت پهچائي سنو فائدو حاصل ڪري ٿوري عرصي گهڻو منافعو ۽ ڳري رقم جائز نموني حاصل ڪري سگهو ٿا. ٻيو ته جيڪڏهن توهان هڪ پيرو ڪاروبار ڪرڻ جو هنر يا حڪمت عملي (Strategy)۽ پنهنجي علائقي جي مارڪيٽ جا لاڙا (Trends)سمجهي وٺو ته، توهان لاءِ گهڻي آزادي ۽ پنهنجي مرضي سان ڪم ڪار ڪرڻ سولو ٿيو وڃي ۽ مالي فائدو به مليو وڃي.

اهو به سچ آهي ته اسان جهڙن ٽئين دنيا جي ملڪن ۾ جيڪڏهن ڪو سيبتي طريقي سان واپار ڪري ٿو ته اهو جلد ڪامياب ڪاروباري شخصيت بڻجيو وڃي، پوءِ ڪيس گهڻو لاڀ (Profit)حاصل ڪرڻ کو ڏکيو ڪونهي. گڏوگڏ برادري ۽ سماجي حيثيت ۾ اڳيرائي ٿيو وڃي. اهڙن ماڻهن کي وري سوسائٽي به تبديلي پسند ۽ نوان لاڙا متعارف ڪرڻ وارو ڪري ليکي ٿي. ٻيو



تصوير گوگل تان ورتل

اهو ته ڪاروبار سان توهان ڪنهن نوڪريءَ گهرجائو نه ٿا رهو، پر ٻين لاءِ ڪم جا موقعا فراهم ڪندڙ بڻجو ٿا. جيڪو هينئر سرڪار جو هڪ اهم مسئلو آهي. ايئن اوهين سرڪار جا مددگار بڻجي ويتر سماجي اثر رسوخ پيدا ڪري فيصله سازي واري عمل تائين به رسائي حاصل ڪري سگهون ٿا. انهن سڀني فائدن سان گڏ ڏکيائيون به ڪاروباري ماڻهن کي پيش اچن ٿيون ۽ پاڪستان جهڙي ملڪي سرشتي ۾ Ease of Doing Business يعني ڪاروبار لاءِ سولائيون گهڻيون ڪونه آهن، خاص طور نئون ڪاروبار شروع ڪندڙ لاءِ سندس لڳايل سرمايو يا بچت صحيح طرح سان استعمال نه ٿي ته پوءِ مورڳو وڏو مالي نقصان برداشت ڪرڻو پوي ٿو، ان لاءِ گهڻي سوچ ويچار ڪانسواءِ ڪاروبار لاءِ ميدان ۾ لهڻ خطري کان خالي ڪونهي.

ٻيو ته شروعاتي طور تي ڪنهن به بزنس ۾ مالڪ يعني ڌڻي خود ملازمن کان وڌيڪ برجستو ۽ ڪم ڪندڙ هجڻ کپي ۽ ڪيس گهڻو وقت ڏيئي ڪاروبار کي پاڻيرو ڪرڻ اهم ٿئي ٿو. ڪنهن به ڪاروبار ۾ شروعاتي طور بزنس مالڪ تي وڌيڪ بار هجي ٿو، سو جيڪڏهن اوهان ۾ اها سگهه هجي ته پوءِ اوهان ٿوري عرصي ۾ وڏا واپاري ۽ سرنديءَ وارا سيٺ به ٿي سگهو ٿا. ڪاروبار ۾ جتي وڏا مالي فائدا ٿين ٿا، اتي نقصان جو به ڌپ رهي ٿو، جيڪا ڳالهه نوڪريءَ وارن لاءِ ڪونهي، سو وڏا فائدا ته وڏا مرحلا به پار ڪرڻا پون ٿا. ان سان گڏ ڪاروبار ۾ سرڪاري ڪامورا شاهيءَ واريون رڪاوٽون، حڪومتي بندشون، ڳرا ٽيڪس، فيون ۽ اهڙا ٻيا معاملا به سامهون اچن ٿا، جيڪي جيڪڏهن ڪو اُڪري وڃي ٿو ته پوءِ اهو گهڻو آسودو ۽ مالدار واپاري بڻجي پنهنجي قوم ۽ ملڪ جو گهڻو ڀلو ڪري سگهي ٿو.


تنهن هوندي به بزنس هجي يا ملازمت: ٻئي شعبا پنهنجي جاءِ تي اهميت وارا آهن. وڏا ڪاروباري ادارا گهڻن ٻين ماڻهن کي روزگار مهيا ڪن ٿا، جنهن ڪري اهڙن ڪاروباري ادارن کي هلائيندڙن کي خاص طور شهري علائقن ۾ وڏو مانُ ۽ مرتبو ملي ٿو ۽ هو سماجي تبديليءَ جو هڪ اهڃاڻ ڪري ليکجن ٿا. ان سان گڏ اهڙين ڪاروباري ۽ سرنديءَ وارين شخصيتن کي عام ڀلي وارين اسڪيمن يا منصوبن ۾ هٿ ونڊائڻ لاءِ چيو ويندو آهي ته جيئن هو غريبن لاءِ شفاخانا، اسڪول يا وڻن ٻوٽن جي سارسنڀال يا باغ باغيچن جي بحالي وارن ڪمن ۾ به پنهنجو حصو وجهي سماجي ذميواري پوري ڪري سگهن ٿا. ان طرح سندن اثر رسوخ به وڏي ٿو. سو ڪاروبار هميشه وڌندڙ وکر آهي. ٻئي طرف نوڪري ۾ اوهان جيڪڏهن سرڪار جا ملازم آهيو ته توهان پاڻ سڌي طور تي ڪوبه فيصلو ڪونه ٿا ڪري سگهو، پر اوهان نظام جي بهتريءَ طرح لاءِ هوريان هوريان حڪومتي ڪاروهنوار ۽ قانون ۾ تبديلي آڻي پنهنجي هئڻ ۽ حيثيت کي مڃرائي سگهو ٿا، جيڪو ڪرڻ جو هڪڙو وڏو مزو (Charm)هوندو آهي.

هاڻي اهو اسان جي نوجوانن تي منحصر آهي ته، اهي ڪيئن انهن ٻن اهم شعبن کي پيٽين ۽ فيصلو ڪن ٿا. سندن لاءِ ايندڙ دور وارين ضرورتن ۾ ڇا بهتر ٿيندو. گهڻي منافعي وارو ڪاروبار يا محدود ۽ جائز پگهار واري سرڪاري يا خانگي نوڪري؟ اهو فيصلو توهان کي پاڻ ئي ڪرڻو آهي. ■

### سنڌُو لکت جي پاڄ: هڪ ڳُجهه ۽ لسانياتي ماهرن جا ويچار

# ’سنڌُو لکت جي پاڄ ۾ هڪ وڏو چئلينج ان جي لکت جو مختصر هئڻ ٻه آهي‘

آسڪو پارپولا صرف تامل ٻولي جي تناظر ۾ سنڌُو لکت جي پاڄ ۾ مصروف آهي. اهڙي ريت ٻين ٻولين جي لساني، جغرافيائي، سماجي، مذهبي ۽ معاشي پسمنظر ۾ ٻه سنڌُو لکت جي پاڄ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. توڙي جو سنڌو لکت ۾ موجود ٻولي (يا ٻولين) بابت مختلف نظريا پيش ڪيا ويا آهن، پر ڪو ٻه نظريو عالمگير طور قبول نہ ٿيو آهي. جيئن تہ تحقيق جاري آهي ۽ ڪمپيوٽر جي مدد سان تجزيو ترقي ڪري رهيو آهي، ان ڪري اميد آهي تہ ڪنهن ڏينهن سنڌُو لکت جو اصل مطلب معلوم ٿي سگهندو، جيڪو دنيا جي قديم ترين ۽ سڀ کان ترقي يافتہ تهذيبن مان هڪ اهم تهذيب بابت قيمتي ڄاڻ فراهم ڪندو.



عزيز ڪنگراڻي

سنڌُو لکت قديم تهذيبن جي سڀني کان وڌيڪ پرسرار ۽ اڻڄاتل ڳُجهن مان هڪ آهي. لسانيات جي ماهرن، آثارِ قديم جي ماهرن ۽ ٻين شعبن جي ماهرن جي وسيع ڪوششن باوجود، ان جي پاڄ ۾ اڃا تائين وڏيون چئلينجز موجود آهن. انهن چئلينجز ۾ ٻہ يا ٽي ٻولين ۾ لکت جو نہ هجڻ، لکت جو مختصر هجڻ، ۽ سنڌُو لکت جي لِپي جي لساني وابستگي جي ڄاڻ نہ هجڻ اهم آهن. ان کان علاوه سنڌُو ماٿريءَ جي تهذيب جي سماجي ۽ ثقافتي پسمنظر جي ڄاڻ جي کوٽ ٻہ سنڌُو لکت جي پاڄ ۽ ان کي معاشري جي سماجي، سياسي، ۽ معاشي ڍانچي سان لاڳاپي کي مشڪل بڻائي ٿي.

سنڌُو لکت جي لساني سڃاڻپ بابت مختلف نظريا پيش ڪيا ويا آهن، جن ۾ دراوڙي ٻولين کان وٺي ٻين بعد جي غير لاڳاپيل ٻولين تائين مختلف اِمڪان شامل آهن، پر اڃا تائين ڪنهن ٻہ نظرئي تي مڪمل اتفاق نہ ٿيو آهي. نتيجي طور، سنڌُو لکت تاريخي لسانيات ۾ هڪ اڻ حل ٿِيل راز بڻيل آهي. بهرحال ڪمپيوٽري طريقيڪار ۽ تحقيق جي ترقيءَ سان، اميد آهي تہ سنڌُو لکت آخرڪار سمجهي ويندي، جنهن سان قديم ترين ترقي يافتہ شهرن جي باري ۾ نئين ۽ قيمتي ڄاڻ حاصل ٿي سگهندي.



## تعارف

سنڌُو لکت هڪ قديم لکت جو نظام آهي، جيڪو سنڌُو ماٿريءَ جي سڀيتا جي دور ۾ استعمال ڪيو ويندو هيو، جنهن جو ڦهلاءُ 3300–1800 ق.م. دوران موجوده پاڪستان ۽ اتر اولهہ ڀارت ۾ موجود، تڏهوڪي وقت ۾ ترقي يافتہ شهرن ۾ مروج هئو. سنڌُو لکت مختلف نوادرات تي ملي آهي، جن ۾ مهرون، مٽيءَ جا ٿانءَ ۽ ٻيون شيون شامل آهن، خاص طور تي اهي هڙپا، موهن جو دڙو، ۽ ڍولاويرا جهڙن ماڳن تان حاصل ٿيل آهن. هڪ صديءَ کان وڌيڪ مطالعي ۽ ڪيترين ئي ڪوششن باوجود سنڌُو لکت اڃا تائين وڏي پئماني تي ڳُجهہ ۽ پراسرار بڻيل آهي.

سنڌُو لکت تقريباً 4000 مختلف علامتن تي مشتمل آهي، جنهن جا لڳ ڀڳ 3,500 مثال ڇِتا مليا آهن. بهرحال انهن علامتن جو مطلب ۽ بناوت اڃا تائين واضح نہ آهي، ڇو تہ ڪا ٻہ ٻہ–ٻوليائي يا ٽہ–ٻوليائي لکت يا ڪنهن ڄاتل ٻوليءَ سان سڌو سنئون واسطو موجود ناهي. (Possehl, 2002; Rao, 2017 ص.518).

مصري هيروگليف لکڻين کي سمجهڻ روزيٽا پٿر ذريعي ممڪن ٿيو، جيڪا ٽن ٻولين تي مشتمل هڪ لکت هئي. بدقسمتي سان سنڌُو لاءِ اهڙي ڪا ٻہ ٻہ–ٻوليائي واري لکت نہ ملي آهي. بهرحال ان جو مطلب اهو ناهي تہ سنڌُو لکت هميشہ لاءِ اڻ سمجهيل يا ڳُجهہ رهندي. (Ramasami 2014).


”سنڌُو لکت جي پاڄ ۾ هڪ وڏي چئلينج ان جي لکت جو مختصر هجڻ ٻہ آهي. هڪ عام سنڌُو لکت ۾ صرف پنج يا ڇهہ علامتون اُڪريل آهن، جڏهن تہ سڀ کان ڊگهي هڪ مهر تي لکت ۾ صرف 14 يا 15 علامتون شامل آهن.“ (Yadav & Vahia, 1977; Mahadevan, 2011).

لکت جو هيءَ اختصار سنڌُو لکت جي پاڄ لاءِ هڪ اهم رڪاوٽ بڻجي ٿو.

ان کان علاوه، ”سنڌُو ماٿريءَ جي سڀيتا بابت ثقافتي ۽ سماجي ڄاڻ جي کوٽ سنڌُو لکت جي پاڄ جي ڪوششن کي وڌيڪ پيچيده بڻائي ٿي. تقريباً 1800 ق.م. ۾ هن تهذيب جي زوال ۽ ان جي شهري مرڪزن جي ختم ٿي وڃڻ سبب ڪو ٻہ سڌوسنئون لکيل رڪارڊ يا زباني روايتون نہ بچي سگهيون، جيڪي ان جي پاڄ ۾ مددگار ثابت ٿين.“ (Kenoyer, 1998)


”مختلف نظريا سنڌُو لکت کي قديم برهمي، دراوڙي، هند–آريائي ۽ سياسي يا مذهبي علامتن سان جوڙين ٿا.“ (Biswas, 2025)

مٿي بيان ڪيل ڳالهين سنڌُو لکت کي قديم تحريرن ۽ لسانيات جي ميدان ۾ سڀني کان وڌن اڻ حل ٿيل ڳُجهن منجهان هڪ ڳُجهہ بڻائي ڇڏيو آهي.



مصر جي هيروگلف جي ٽن ٻولين وارر لکت وارو روزيٽا پٿر

**سنڌُو لکت هڪ قديم لکت جو نظام آهي، جيڪو سنڌُو ماٿريءَ جي سيپتا جي دور ۾ استعمال ڪيو ويندو هيو، جنهن جو ڦهلاءُ 3300 – 1800 ق.م. دوران موجوده پاڪستان ۽ اتر اولهه ڀارت ۾ موجود، تڏهوڪي وقت ۾ ترقي يافته شهرن ۾ مروج هئو. سنڌُو لکت مختلف نوادرات تي ملي آهي، جن ۾ مهرون، مٽيءَ جا ٿانءَ ۽ ٽپون شيون شامل آهن، خاص طور تي اهي هڙپا، موهن جو دڙو ۽ ڍولاويرا جهڙن ماڳن تان حاصل ٿيل آهن. هڪ صديءَ کان وڌيڪ مطالعي ۽ ڪيترين ئي ڪوششن باوجود سنڌُو لکت اڃا تائين وڏي پئماني تي ڳُجهه ۽ پراسرار بڻيل آهي.**



ليکڪ موهن جي دڙي جي دوري وقت



جوٽيهه علامتن واري مهر



ڪيرٽر جابلو سلسلي ۾ پٿر تي سنڌُو لکت جي اُڪر، روزيتا پٿر تي سگهي ٿو

## اهمِ چئلينجز جي وضاحت

**1. سنڌُو لکت جو مختصر هجڻ :**

”مُهرن تي اڪثر سنڌُو لکتون تمام مختصر آهن، جن ۾ بنيادي علامت يا لفظ شامل آهن. هڪ عام سنڌُو لکت ۾ صرف چار يا پنج علامتون ملن ٿيون، جڏهن ته سڀ کان ڊگهي هڪ لکت تي مشتمل لکت ۾ رڳو 14 يا 15 نشان شامل آهن. صرف هڪ ئي مهر تي 34 نشان مليا آهن.“ (Kunbhar, 2024)

هي مختصر جملن جي بناوت، واضح لساني نمونن جي تجزيي کي مشڪل بڻائي ٿي.

**2. ٻولين يا ٽن ٻولين تي مشتمل لکت جي غير موجودگي :**

”هڪ ٻي وڏي رنڊڪ ٻه-ٻولين يا ٽن ٻولين تي مشتمل لکت جو نه هجڻ آهي.“ (Sengupta, 2025)

”ٻه-ٻولين واريون لکتون، جهڙوڪ روزيتا پٿر، جنهن ۾ ساڳيو مواد مختلف لکتن ۽ ٻولين ۾ لکيل هو.“ Rao، 2017 ص.518)، جيڪو مصري هيروگليف جي پڙهڻ لاءِ ڪارگر ثابت ٿيو. اهڙيءَ طرح ڪُشان دورجا ٻن ٻولين يا لکتن وارا سِڪا، جن تي برهمي ۽ خروشتي لکتون لکيل هيون، انهن لکتن برهمي ۽ خروشتي جي لکتن پڙهڻ ۾ مدد ڪئي. بدقسمتيءَ سان سنڌُو لکت لاءِ اهڙو ڪو به گهڻ-لساني رڪارڊ يا روزيتا پٿرموجود نه آهي.

**3. گُم ٿي ويل يا اڻڄاتل ٻوليءَ جو تعلق**

سنڌُو لکت جي پسمنظر ۾ ٻوليءَ بابت ڪا ڄاڻ ناهي تہ سنڌُو لکت جو ڪهڙي ٻوليءَ سان تعلق هو؟ اها وسري ويل يا گم ٿيل ٻولي، جنهن سان سنڌُو لکت جو تعلق هو، اها لڙهه يا نُڪ واري ٻولي جيڪڏهن زنده رهي ها تہ، سنڌُ لکت جي پڙهڻ آسان ٿي سگهي ها. ان جي تصويري لکت وارو نظام، جيڪو تصويري علامتن سان ڪجهه مشابهت رکي ٿو، سو بہ سنڌُو لکت جي پڙهڻ جي عمل کي وڌيڪ پيچيده بڻائي ٿو. (Sengupta, 2025)

**4. ثقافتي ۽ تاريخي ڄاڻ جي کوٽ**

”سنڌُو ماٿريءَ جي سيپتا جي سماجي، ثقافتي، سياسي ۽ مذهبي پاسن بابت تمام ٿوري تصديق ٿيل ڄاڻ موجود آهي. قديم آثارن جي کوجنائن ڪانسواءِ، ڪو به مستند لکيل رڪارڊ ناهي مليو، جنهن سبب ماهرن کي سنڌُو لکت جي پڙهڻ لاءِ مفروضن ۽ قياسي نظرين تي ڀاڙڻو پوي ٿو.“ (Sengupta, 2025)

**5. سنڌُو لکت جو سنسڪرت يا برهميءَ سان لاڳاپو**

سنڌُو لکت ۽ سنسڪرت يا برهميءَ جي وچ ۾ لاڳاپي بابت صرف قياسي نظريا موجود آهن. جيڪڏهن انهن ۾ ڪو واضح تعلق هجي ها، تہ سنڌُو لکت جي پڙهڻ ممڪن ٿي سگهي ها، پر

**سنڌُو لکت جي پسمنظر ۾ ٻوليءَ بابت ڪا ڄاڻ ناهي تہ سنڌُو لکت جو ڪهڙي ٻوليءَ سان تعلق هو؟ اها وسري ويل يا گم ٿيل ٻولي، جنهن سان سنڌُو لکت جو تعلق هو، اها لڙهه يا نُڪ واري ٻولي جيڪڏهن زنده رهي ها تہ، سنڌُ لکت جي پڙهڻ آسان ٿي سگهي ها. ان جي تصويري لکت وارو نظام، جيڪو تصويري علامتن سان ڪجهه مشابهت رکي ٿو، سو بہ سنڌُو لکت جي پڙهڻ جي عمل کي وڌيڪ پيچيده بڻائي ٿو.**

چاڪاڻ تہ انهن جي پاڻ ۾ ڪنهن بہ پڪي لاڳاپي جي ثابتي ناهي ملي، ان ڪري سنڌُو لکت واري ٻولي ۽ سنڌُو لکت اڃا تائين هڪ راز بڻيل آهي.

**6. سنڌُو لکت جي علامتن جو ابهام**

سنڌُو لکت جون علامتون مختلف معنائن ۾ استعمال ٿي سگهن ٿيون، يا اهي لفظن، آوازن، يا اکرن جي نمائندگي ڪري سگهن ٿيون. چٽائي نہ هئڻ سبب وڌيڪ پراسراريت پيدا ٿئي ٿي.

**7. تسلسل جي کوٽ**

ٻين قديم لکتن جي ابتڙ سنڌُو لکت جو ڪنهن بہ بعد ۾ ملندڙ لکتين يا لکتن سان ڪو واضح ارتقائي لاڳاپو نظر نٿو اچي.

**8. نشانين جي پسمنظر جي غير موجودگي**

سنڌُو لکت جي پسمنظر بابت تمام ٿوري ڄاڻ ملي ٿي. اڃا تائين واضح ناهي تہ سنڌُو لکتون انتظامي رڪارڊ آهن، سماجي يا مذهبي متن آهن، يا ڪجهه ٻيو. ان بابت ڪا پروڙ پئجي نہ سگهي آهي.

## نتيجو:

سنڌُو لکت قديم لکتن ۾ سڀ کان وڌيڪ پيچيده ۽ ڊگهي عرصي تائين اڻ حل ٿيل رازن مان هڪ آهي. ماهرن، لسانياتي ماهرن، ۽ قديم آثارن جي ماهرن جي وسيع تحقيق باوجود ٻه-ٻولين واري لکت جي غير موجودگي، محفوظ ٿيل متن جو مختصر هجڻ ۽ غير يقيني لساني وابستگي ڪنهن بہ حتمي پڙهڻ کي ناممڪن بڻائي ٿي. سنڌُو ماٿريءَ جي سيپتا بابت پسمنظر ۽ ثقافتي ڄاڻ جي وڏي کوٽ هن ڪم کي وڌيڪ مشڪل بڻائي ٿي، جنهن سبب سنڌُو لکت کي سيپتا جي سماجي، سياسي، يا معاشي زندگي سان جوڙڻ ڏکيو ٿي پيو ٿو. آسڪو پارپولا صرف تامل ٻولي جي تناظر ۾ سنڌُو لکت جي پڙهڻ ۾ مصروف آهي. اهڙي ريت ٻين ٻولين جي لساني، جاگرافيائي، سماجي، مذهبي ۽ معاشي پسمنظر ۾ بہ سنڌُو لکت جي پڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. توڙي جو سنڌُو لکت ۾ موجود ٻولي (يا ٻولين) بابت مختلف نظريا پيش ڪيا ويا آهن، پر ڪو بہ نظريو عالمگير طور قبول نہ ٿيو آهي. جيئن تہ تحقيق جاري آهي ۽ ڪمپيوٽر جي مدد سان تجزيو ترقي ڪري رهيو آهي، ان ڪري اميد آهي تہ ڪنهن ڏينهن سنڌُو لکت جو اصل مطلب معلوم ٿي سگهندو، جيڪو دنيا جي قديم ترين ۽ سڀ کان ترقي يافته تهذيبن مان هڪ اهم تهذيب بابت قيمتي ڄاڻ فراهم ڪندو.

مختصر طور، سنڌُو لکت جو راز ان لِپي جي اندروني چئلينجز ۽ وسيع ثقافتي ۽ لساني پسمنظر جي کوٽ سبب برقرار آهي. بهرحال جاري تحقيق مستقبل ۾ نون انڪشافن لاءِ اميد جو ڪرڻو فراهم ڪري ٿي.

## حوالا:

1. پوسهيل، جي. ايل. (2002). اندس تهذيب: هڪ جديد نظر، آلتاميرا پريس.
2. راؤ، آر. پي. اين. (2017). اندس لِپي ۽ معاشيات. آرڪيئوپريس، ص. 518
3. راماسامي، ج. (2014، فيبروري 21). سائي، نيوز
4. مهاديون، آءِ. (1977). اندس لِپي: متن، هم آهنگي، ۽ جدول، آثار قديمہ جي سروي آف انڊيا جون يادگيريون.
5. يادوَ، اين. ۽ واهيا، ايم. اين. (2011). اندس لِپي: ان جي نشانن جي ڊيزائن تي هڪ اپياس 2011، ص. 1
6. پارپولا، اي. (1994). اندس لِپي جو پڙهڻ، ڪيمبرج يونيورسٽي پريس.
7. مارشل، ج. (1931). موهن جو دڙو ۽ سنڌُو ماٿري جي تهذيب ص. 42.
8 ڪينوئر، ج. ايم. (2020). اندس لِپي جي شروعات ۽ ترقي: هڙپا ۽ ٻين ماڳن مان حاصل ٿيل ڄاڻ. 223
9. ڪينوئر، ج. ايم. (1998). سنڌُو ماٿر جي تهذيب جا قديم شهر، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس.
10. بسواس، ايس. (2025، جنوري 16). بي بي سي نيوز.
11. ڪنڀار، س. (2024). سنڌو لکت ۽ سراج، سراج انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڪراچي.
12. سين گپتا، اي. (2025، جنوري 9). دي انڊين ايڪسپريس■

### سنڌ جي ناماياري صوفي شاعر سچل سرمست جو 204هون عرس

# سچل سرمست جو دؤر ۽ سندس شاعريءَ جي انفراديت

**سچل سرمست جو دؤر سنڌ تي ڪلهوڙن ۽ ٽالپر اميرن جي حڪمراني جو دؤر هو يعني هن پنهنجي حياتيءَ جا 43 سال ڪلهوڙن جي حڪمرانيءَ ۾ گذاريا ۽ حياتيءَ جا پويان 45 سال ٽالپرن جي دؤر ۾ گذاريا. پوئين دؤر ۾ انگريز راڄ؛ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي صورت ۾ سنڌ تي قبضي ڪرڻ لاءِ ٽالپر حڪمرانن سان جدا جدا وقتن تي عهدناما ڪيا ۽ سنڌ ڪي معاشي، سياسي ۽ سماجي سطح تي نقصان پهچايو. سچل سائين وقت جي هڪ باشعور شاعر هجڻ جي حيثيت ۾ انهن شين کي نِنديو.**



ڊاڪٽر مخمور بخاري

نندي ڪنڊ ۾ سنڌ پنهنجي ثقافت، روحانيت ۽ تهذيب جي حوالي سان هڪ منفرد خطو آهي، چاڪاڻ جو ان جي روحاني مزاج ۾ انسان دوستي ۽ انسان شناسيءَ جهڙا رويا موجود آهن، جيڪي ٻيو ڪٿي به نه ٿا ملن. ان رويي جو عڪس سنڌ جي صوفياڻي شاعريءَ ۾ پَسي سگهجي ٿو، خاص طور تي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جو ڪلام اهڙي شاهديءَ طور پيش ڪري سگهجي ٿو.

سچل سرمست پنهنجي وقت جو هڪ اهڙو صوفي ۽ مفڪر شاعر هو، جنهن وقت جي رائج حالتن سان بغاوت ڪئي ۽ ڪائنات ۾ انسان جي طئہ ٿيل رُتبي ڪي وڏي واڪي بيان ڪيو. سچل سائينءَ جو وڏو ڏاڏو شيخ شهاب الدين 711 ع ۾ سنڌ ۾ آيو هو ۽ سيوهڻ جو پهريون مسلمان گورنر مقرر ٿيو هو. ان شيخ شهاب الدين جي 34هين پيڙهيءَ مان حافظ عبدالوهاب المعروف سچل سرمست 1152 هه / 1739 ع تي راڻيپور پرسان ڳوٺ درازا ۾ ميان صلاح الدين جي گهر جنم ورتو. پاڻ ڇهن سالن جو ئي هئو جو سندن والد انتقال ڪري ويو، تنهنڪري سندن تعليم ۽ تربيت جو ذمو سندن ڏاڏي ۽ نامور عالم، شاعر ۽ صوفي بزرگ خواجه صاحبڏني ۽ سندن چاچي خواجه عبدالحق پنهنجي ذمي ڪنيو.

خواجه صاحبڏنو شروعات ۾ سنڌ جي ڪلهوڙا حاڪم جي سرڪاري نوڪري ۾ هو، ان وقت ۾ ساڻس حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ملاقات درازا جي ٻاهران ٿي، جنهن ۾ شاهه صاحب، خواجه صاحب کي اها سرڪاري نوڪري ڇڏي هڪ هنڌ ويهي مالڪ جي رياضت جي تلقين ڪئي ۽ ڪين اها جاءِ به ڏيکاريائون، جتي بعد ۾ ويهي خواجه صاحبڏني چِلو ڪڍيو.

سچل سائينءَ جي سوانح جي حوالي سان مختلف تذڪره نگارن اها روايت ورجائي آهي ته، خواجه صاحبڏني صاحبِ ولايت ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي وڏي پٽ ميان صلاح الدين کي پنهنجو فڪري وارث مَقرر ڪرڻ بدران پنهنجي ننڍي فرزند خواجه عبدالحق کي مقرر ڪيو ۽ اُن حوالي سان شاهه عبيد الله جيلاني جو ذڪر پڻ ڪيو وڃي ٿو ته، ڪين اهڙي تلقين انهن ئي ڪئي هئي، جنهن موجب ميان صلاح الدين کي مسند تان هٽائڻ جو سبب اهو ڄاڻايو ويو ته، سندس پشت مان هڪ اولياءُ پيدا ٿيڻو آهي، پر تاريخي حقيقتون اهو ثابت ٿيون ڪن ٿيون ته، سچل سائينءَ جو والد ۽ خواجه صاحبڏني جو وڏو فرزند ميان صلاح الدين پنهنجي والد جي ئي حياتيءَ ۾ سن 1158هه / 1745 ع ۾ وفات ڪري ويو هو. تنهنڪري اهو چوڻ ته ميان صلاح الدين کي مسند نشينيءَ تان هٽايو ويو، هڪ غلط روايت آهي. ميان صلاح الدين جي شاعر هئڻ بابت ويجهي ماضيءَ تائين خبر نه هئي، پر تازي تحقيق مان اها ڳالهه ثابت ٿي آهي ته، ميان صلاح الدين به شاعر هو. سنڌي ۽ سرائڪي شاعريءَ جي قديم قلمي بياضن مان ميان صلاح الدين جي هڪ ڪافي ملي آهي، جيڪا هيءَ آهي:

مشفق هن مشتاق کي بچايو ته بچي
اندر عشق عليل کي، جيئن مهربان مچي
ڏس ڏيو هن ڏاهه کي، پهه جنهنجي پچي
ڏسان شال اکين سان، مير مرسل مکي
مقصدَ هن مشتاق جا، ڪيا سرور جام سچي
وندرياس نه وندري، نه کي پهه پرچي
ملڻ هوت حبيب جي، سڪايل سرچي
صلاح الدين جي سيدا، ويرلهه وراچي
ڪرامات بهر قادر لڳ، ڪراچي.

سچل سرمست جي روحاني ۽ مذهبي تعليم ۽ تربيت سندس ڏاڏي ۽ چاچي ڪئي، جيڪي پاڻ به وقت جا وڏا عالم، شاعر ۽ صوفي بزرگ هئا. سچل سائين شروع کان ئي پنهنجي ڏاڏي، ان بعد پنهنجي چاچي ۽ ان کان پوءِ پنهنجي سؤٽ سخي قبول محمد 'اول' جو مريد بڻيو ۽ خود ڪڏهن به مرشديءَ جي مسند تي نه ويٺو ۽ هڪ سچي صادق عاشق جيان پنهنجي مرشد جي روحاني رمز کي سمجهندي ۽ عام ماڻهن کي سمجهائيندي پنهنجي 90 ورهين جي حياتي گذاري پوري ڪئي.


سچل سرمست جو دؤر سنڌ تي ڪلهوڙن ۽ ٽالپر اميرن جي حڪمراني جو دؤر هو يعني هن پنهنجي حياتيءَ جا 43 سال ڪلهوڙن جي حڪمرانيءَ ۾ گذاريا ۽ حياتيءَ جا پويان 45 سال ٽالپرن جي دؤر ۾ گذاريا. پوئين دؤر ۾ انگريز راڄ؛ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي صورت ۾ سنڌ تي قبضي ڪرڻ لاءِ ٽالپر حڪمرانن سان جدا جدا وقتن تي عهدناما ڪيا ۽ سنڌ کي معاشي، سياسي ۽ سماجي سطح تي نقصان پهچايو. سچل سائين وقت جي هڪ باشعور شاعر هجڻ جي حيثيت ۾ انهن شين کي نِنديو ۽ چيو:

پني ۾ پيغام، لکي مُڪا سڄڻين،
سي نه سمجهن عام، جي آهن منجهه اشارتا.

۽ اڃا به اڳتي انگريزن جي دوستيءَ کي دوکيبازي سڏيندي چوي ٿو:

سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وٽي نه وٽي،
ڪوڙي دوستيءَ جو دم، ٻٽي نه ٻٽي.

هو هڪ نبض شناس شاعر جي حيثيت ۾ انسان جي رُتبي ۽ قومي وحدت جو قائل هو. هن پنهنجي دؤر جي حالتن جو خوب اڀياس ڪندي مذهب، رنگ، نسل ۽ فرقي بنديءَ کان مٿيرو ٿي بحيثيت هڪ قوم جي ڌرتي ۽ پنهنجن وسيلن لاءِ هڪ هنڌ ڪٺي ٿيڻ جي تلقين ڪئي: "وقت اها ٿئي ويل، دوئي دور ڪرڻ جي."




سچل بنيادي طور تي سنڌ جو اهڙو صوفي ۽ مفڪر شاعر آهي، جيڪو انسان، ڌرتي ۽ ڪائنات سان پيار ڪري ٿو. هن جو مذهب ايڪو، اتحاد ۽ بني نوعِ انسان جي بهبود ۽ ڀلائي آهي، تنهن لاءِ هو محبت، سهپ ۽ رواداري جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ ان جي سرشت ۾ اهي رويا ڪائنس اڳ جي صوفي مفڪر شاعرن جي تعليم سبب ئي آيا، جن ۾ حسين بن منصور حلاج، فريد الدين عطار، احمد جام ند پيل، ڀڳت ڪبير، سلطان باهو، شاهه لطيف، خواجه صاحبڏنو ۽ خواجه عبدالحق شامل آهن. هن وڏي حد تائين نه رڳو انهن سمورن جو فڪري اثر قبول ڪيو، پر پنهنجي دؤر جي سياسي، مذهبي ۽ سماجي حالتن مطابق ان فڪر کي پنهنجي رنگ، ڍنگ ۽ انداز سان بيان به ڪيو.

سچل سرمست پنهنجي پيغام کي گهڻي کان گهڻو عام ڪرڻ خاطر هڪ ئي وقت تي سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي زبانن کي اظهار جو ذريعو بڻايو ته ساڳئي وقت اسان کي سندس شاعريءَ ۾ مختلف شعري گهاڙيٽا پڻ نظر اچن ٿا، جن ۾ بيت، دوهو، سورٺو، دوهو سورٺو ميل، ڏوهيڙو، ڪافي، جهولڻو، جهولڻو ڪافي، ريختا، غزل، مثنوي، سه حرفي، فرد، رباعي، گهڙولي ۽ مرثيي جهڙيون صنفون شامل آهن. فني حوالي سان سچل سائين سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيءَ ۾ پهريون دفعا 65 جي لڳ ڀڳ نوان گهاڙيٽا متعارف ڪرايا، جيڪا روايت ڪانئس پوءِ نه رڳو قائم رهي، پر سندس طالب نانڪ يوسف ۽ عقيدتمند فقير قادر بخش 'بيدل' به اها اختيار ڪندي اُن ۾ وڏي حد تائين اضافا ڪيا، ته ٻئي طرف سچل سائينءَ پنهنجو ڪلام موسيقيءَ جي ٽيهن سُرن ۾ ئي چيو، جنهن ۾ ٻارنهن سُر هن کان اڳ اسان کي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ ملن ٿا. نانڪ يوسف ۽ فقير قادر بخش بيدل، شاهه لطيف ۽ سچل سائينءَ جي موسيقيءَ جي روايت کي نه رڳو اختيار ڪيو، پر پنهنجي ڪلام ۾ نَون سُرن جا اضافا پڻ ڪيا. بنيادي طرح شعري گهاڙيٽن توڙي موسيقيءَ جي سُرن ۾ انفراديت ۽ نواڻ پيدا ڪرڻ جون روايتون سڀ کان اول سچل سرمست ئي قائم ڪيون.

"توڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئي مردانو." ■

# اڄ سچل سائينءَ جي ميلي تي فقير نجم علي هي ڪلام ڳائي نه سگهندو: ”توسان منهنجي سهڻل سائين! رهجي اچي شل...“



فردوس هوٽل تي مون سميت استاد شاهن سمنگ، ابراهيم ڪرل، اختر ٿانوري، ڊاڪٽر اعجاز سمون، هاشم پٽي، ايم يحيىٰ پتو، ڏاڏو صلاح الدين شيخ، اختر ڪوڪر، ميرصوبدار سعيد، مظهر ابڙو، آزاد انصاري،ضمير لاشاري، فهيم منگي... ڪير هيو، جنهن جي دل ۾ فقير نجم لاءِ محبت جو ديپ نه پئي ٽمڪيو...



امر اقبال

گذريل اربع، 12 مارچ 2025 جي ڏهاڙي (يارهين رمضان تي) صبح ساڻ سوشل ميڊيا تي اها ڏکوئيندڙ خبر پکڙي پئي هئي ته، ’فقير نجم علي سمون گذاري ويو..‘ ان کان هڪ ڏينهن اڳ شام جو خبر پئي هئي ته، ’دل جي سُورَ سبب کيس سکر جي دل واري اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي....‘

هڪ زنده دل راڳيءَ جي دل جو ڪنول مرجهائجي ويو. فقير موڪلائي ويو. ”توسان منهنجي سهڻل سائين! رهجي اچي شل..“ ريڊيو خيرپور تان سچل سائينءَ جي ڪافي سندس آواز ۾ ٻُرندي هئي ته هانءُ هٿن ۾ اچي ويندو هيو.

”هي نجم فقير ڪير آهي، ڪٿان جو آهي؟“ دوستن کان پڇندا هئاسين.

”سيٺارجا جو آهي، استاد گلزار علي خان جو شاگرد آهي. فقير مشتاق مگڻهار جو ننڍو ڀاءُ آهي.“ جواب ملندو هو.

کهڙي خبر ته اڳتي هلي ساڻس ملاقات ٿيندي، دوستي ۽ ڀائپيءَ واري واٽ جُڙندي... اها واٽ جيڪا 12 مارچ تي لَٽجي ويئي. فقير نه رهيو، پر هاڻي فقير جون ڳالهيون رهنديون.

مان پاڻيان اهو 2002ع هيو. مان ۽ منهنجو گل و گلزار دوست مرحوم گلزار پتو سيٺارجا؛ ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾ ويا هئاسين_ ائين ڪجهه مهينا اسان سيٺارجا جا مسلسل پنڌ ڪيا هئا.. سيٺارجا ۾ اسان جو ڪم ته پورو ٿي ويو هو، پر نجم فقير سان تعلق جي شروعات ٿي ويئي هئي. سيٺارجا ۾ فقير نجم عليءَ جو آستانو اسان لاءِ اسان جو آستانو بڻجي پيو هو. آستانو ڇا هوندو هو، ڪکن ڪانڻن جو ڇپر هئو، جتان پري کان هارمونيم تي فقير نجم عليءَ جا ٻول ٻرندي ٻڌبا ها. اُتي سارو ڏينهن فقير جي سڪ جي سڳي ۾ سلهاڙيل ماڻهن جي اچ وڃ هوندي هئي. فقير جو دسترخوان ايترو ويڪرو هوندو هيو جو اهو ڏسي بادشاهه به احساسِ ڪمتريءَ ۾ هليا وڃن...ايترو ڪجهه ايندو ڪٿان هو؟ اها خبر هڪ فقير کي، ٻي خدا کي.

اتي ئي اسان جي ملاقات مشتاق فقير سان ٿي، جيڪو نجم فقير جو وڏو ڀاءُ ۽ استاد منظور علي خان جو شاگرد هيو. مشتاق فقير به ڪڏهن ڪڏهن موڊ ۾ اچي مهدي حسن جو ڳايل ڪوئي غزل جهونگاريندو هو ته، اها ڪچهري يادگار بڻجي ويندي هئي. فقير مشتاق ۽ نجم فقير جي چپن تي مرڪ ايئن سجايل هوندي هئي جو، گهٽيءَ مان ويندڙن جا پير به خود بخود هيڏي لڙي پوندا هئا.

”مان پهريان ادا مشتاق سان ڊولڪ تي سنگت ڪندو هئس، پوءِ پاڻ ڳائڻ شروع ڪيم.“ نجم فقير هڪ دفعي ٻڌايو هو. نجم فقير جو جنم محرابپور لڳ ڳوٺ ”ٽوپا“ ۾ ٿيو هو. اڳتي هلي سندس وڏڙا سيٺارجا ۾ آباد ٿيا. فقير 1985ع کان باقاعده ڳائڻ شروع ڪيو. 1986ع ۾ پي ٽي وي ڪراچيءَ تي ڳاياائين. ان ڪانپوءِ 1991ع ۾ ريڊيو پاڪستان خيرپور تي آيو، جتي پروڊيوسر شوڪت خاصخيلي ۽ مختيار ملڪ کيس اپروو ڪيو. ٽي ويءَ تي سميع بلوچ کيس گهڻو گهرائيندو هو. فقير کيس ”ڀائو سميع الله“ جي نالي سان سڏيندو هو، جو هو سندس ٽَرَ جو به هيو. ريڊيو تي سندس پهريان ڪلام شوڪت خاصخيليءَ رڪارڊ ڪيا. مهدي سائينءَ جو ”ٻڌل آهيان ٻول“ ۽ سچل سائينءَ جو ”توسان منهنجي سهڻل سائين! رهجي اچي شل،“ ٻنهي مان سچل وارو ڪلام ڏاڍو مشهور ٿيو.

فقير جو گهراڻو مهدي سائينءَ جي درگاهه جو طالب هيو.

نجم فقير سدائين ڪلڦ ٿهڪڻو.. گهران نڪري ته شاهاڻي انداز ۾. سفيد ڪاٽن جو ڪلف ٿيل وڳو، چمڪندڙ بوٽ، مٿي تي سنڌي ٽوپي، ڳچيءَ ۾ گيڙو رنگ وارو رومال، ڪرائيءَ ۾ سني واچ، اکين تي اس جو چشمو. چوندو، ”کيسي ۾ ڀلي پنجاهه رپيا هجن، لٽا ڪپڙا ڀلا پائجن... پاڙي پُتي تي ڌهمان هجي..“

ريلوي اسٽيشن تائين سڄي بازار سندس سلامي.. سيٺارجا مان ريل پڪڙي سڌو اچي خيرپور اسٽيشن تي لهي. ان دؤر ۾، مان سمجهان ته فقير هر هفتي اربع جي ڏينهن خيرپور ضرور ايندو هو. ريڊيو اسٽيشن تي محمدعلي ٻانيڻ جي آفيس ۾ ۽ ان کان پوءِ پنجگولي تي فردوس هوٽل تي ڪچهري ٿيندي هئي. چوندو هو ”اربع (جو ڏينهن) خطا نه ٿيندو. دعا ڪيو.. “(افسوس جو سندس وڇوڙو به اربع ڏينهن ئي ٿيو). ريڊيو ۽ فردوس هوٽل، ٻنهي جاين تي دوستن جي ميڙن ۾ هوندو هئو.. ڪچهريءَ جو مور نجم فقير.

فردوس هوٽل تي مون سميت استاد شاهن سمنگ، ابراهيم ڪرل، اختر ٿانوري، ڊاڪٽر اعجاز سمون، هاشم پٽي، ايم يحيىٰ پتو، ڏاڏو صلاح الدين شيخ، اختر ڪوڪر، ميرصوبدار سعيد، مظهر ابڙو، آزاد انصاري،ضمير لاشاري، فهيم منگي..... ڪير هيو، جنهن جي دل ۾ فقير نجم لاءِ محبت جو ديپ نه پئي ٽمڪيو.. سڄو ڏينهن خيرپور ۾ سنگت سان گذاري رات جو فقير وري ”سکر ايڪسپريس“ ۾ چڙهي، وڃي سيٺارجا ۾ پنهنجي آستاني تي پهچندو هئو. ڪڏهن ڪڏهن خيرپور ۾ راتِ ٽڪي به پوندو هئو.. خيرپور سندس ٻيو گهر هوندو هئو.. گلزار پُٽي جي اوطاق تي الاهي ڪچهريون ۽ محفلون ٿيون. خيرپور جي مشهور فنڪار ڳلي ”نم موڙ“ تي لهي ته چڻ مرشد لٿو.. هر ٻيو گهر سندس ڪنهن شاگرديائيءَ جو، واسطيدار جو..... فرزانه پروين، نئين (الائي آخري) فوزيا، نازيا نسيم، شازيا مارئي، رخسانا مارئي، ۽ ٻيون ڪوڙ ڳائڻيون... هر ٻيو گهر سندس آجيان ۾. اڪثر نم موڙ وٽ فقير کي ڇڏي، چوندو هيس، ”هاڻي سڪون سان ايڏهون جي سنگت ساڻ سان ملي جلي ڪچهري ڪري واندو ٿي، پوءِ فون ڪجانءِ پوءِ پنهنجي ادبي سنگت سان ملنداسين...“

سيٺارجا ۾ پنهل ماروواڙي ۽ سلطان جانوري وٽس سڪڻ ايندا هيا. ريڊيو خيرپور تي وسند علي مهر سندس هڪ انٽرويو ڪيو هو، جيڪو ڪوثر ٻرڙي جي مرتب ڪيل ڪتاب ”فن ۽ فنڪار“ ڀاڱو ٻيو ۾ شامل آهي.

فقير جون ڳالهيون وسارڻ جهڙيون ناهن. ڳالهه ڳالهه تي لطيفو، ڪو ٽوٽڪو.. جنهن محفل ۾ فقير، اها محفل سرهاڻ.

ٻڌايو هئائين: ”حيدرآباد ويس، هڪ نالي واري گلوڪارا جي پيءُ کي فون ڪيم. پڇيومانس، ڪٿي؟ وراڻيائين، فقيرا جي تون سيٺارجا ۾، ته مان حيدرآباد ۾، پر جي تون حيدرآباد ۾ ته مان ڪراچيءَ ۾.... “ ڳالهه ٻڌائي ٽهڪن ۾ ٻڏي ويو هو.

آڊيوڪئسيٽن جو دؤر دؤرو هيو. فقير چيو، ”سڪرنڊ ۾ ريڪارڊنگ ڪمپني آهي، ڇهه هزار رپيا خرچ هوندو. ڇهه ڄڻا هزار هزار روپيا ڪڍو. هڪ هڪ ڪلام به ڏيو ته ڪئسيٽ رڪارڊ ڪرائي اچان...“

ان زماني ۾ ڇهه هزار وڏي رقم هئي. ڊاڪٽر اعجاز سمون، اختر ٿانوري، ضمير لاشاري، جانب ناز غوري ۽ ذوالفقار جوڳيءَ سان گڏ منهنجو غزل ”شام ٿيندي ئي اچين ٿي خيال ۾“ پڻ فقير ڳاتو... پر مون فقير کي هزار رپيا نه ڏنا.. چيم، ”فقير، شعر ڳارائڻ لاءِ هزار رپيا نه ڏبا. ميرٽ تي ڳائين ته ڀلي ڳاءِ...اهي هزار رپيا ٻي ڪنهن مد ۾ ڀلي خرچ ڪيون ٿا...“

فقير جا ٿهڪ، ڪير ڪِلي... فقير بنا پئسن جي منهنجو غزل ته رڪارڊ ڪرائي آيو، پر اها ”ميرٽ تي ڳائڻ“ واري سندس ٽوڪ ڪئي سال هلي.

ڊاڪٽر عطا محمد حاميءَ جي ورسيءَ تي فقير حامي صاحب جو ڪلام ڳايو. اسان جي ڳوٺ سوهو ڪناسرا ڇا آيو، هتي ڪئي دوست ٺاهي ويو. ”جتي به وياسي، داستان ڇڏي آياسي“ واري ڳالهه هئي.

شوڪت خاصخيلي جي ڳوٺ حسين آباد، سندس آستاني تي هڪ رات فقير جي محفل هئي. فقير خيرپور آيو هو ۽ رات جو ڊاڪٽر اعجاز سمي جي سفيد ”مهراڻ“ ڪار ۾ حسين آباد ويا هئاسين..... فقيرَ، استاد شاهن سمنگ سان گڏ حيدرآباد جا گهڻا سفر ڪيا.. ڪوثر ٻرڙو ريڊيو خيرپور جو اسٽيشن ڊائريڪٽر هجي، مان ۽ فقير نجم ساڻس سندس آفيس ۾ ملڻ وياسي. ڪوثر چيس، ”فقيرا فلاڻي شاعر جو غزل ڏنو هيومانءِ... ڳايئي ته ڪونه...“

فقير ٻانهون ٻڌي چيس، ”غزل وزن ۾ ئي ناهي، ڳايان ٿو ته ’ڪاڪڙو‘ لهي ٿو پوي.“ (هتي ڪاڪڙي جي جاءِ تي ڪو ٻيو لفظ پڙهيو وڃي). ڪير ڪلي؟

هڪ دفعي ڪوثر ٻرڙو، اختر ٿانوري ۽ مان گڏجي فقير نجم جي سيٺارجا واري آستاني تي وياسين، جتي سندس ڪنهن شاگرد جو ڳانو ٻڌڻ واري رسم هئي. فقير جي دسترخوان تي مڇيءَ جو قيمو ۽ ڪُڪڙ ۾ سيون پيل هيون، جي وسرڻ جهڙيون ناهن. ڪلي چوندو هو، ههڙي قسم جون شيون (ڊشز) توهان کي ڪنهن ٻئي وٽ نه ملنديون.

فردوس هوٽل ۾ ويٺا هياسي ته هڪ اديب دوستُ پنهنجي ڪم جي پاڻ تعريف ۾ پورو هو. فقير چيس، ”اسان وٽ سيٺارجا ۾ موريل فقير شرناءِ وڄائيندو آ... هڪ ڪاڄ ۾ هُن شرناءِ وڄائي بس ڪئي ته ڪنهن واهه وا، ئي نه ڪيس... پوءِ هيڏي هوڏي ڏسي، شرناءِ پاسي تي رکي، پاڻ ئي چيائين، ”واهه موريل فقير واهه“... سو، تون به يار.... “ ڪچهري وري ٽهڪن ۾ تبديل ٿي ويئي هئي.

فقير مشتاق جو لاڏاڻو ٿيو، ته هڪ به سال سيٺارجا ۾ سندس ورسي تقريبون به ٿيون. نجم فقير جي پنهنجي فنڪار برادريءَ ۾ محبت جي واٽ هئي ۽ سندس فن جا قدردان به جام هوندا هئا، سو سڻو ميڙو مڇي ويندو هو. ان کان پوءِ سيٺارجا مان پڪڙا پٽي محرابپور لڏي وڃي ويٺو. محرابپور ۾ ڪجهه سال اڳ سندس اڪيلو، ٻچڙيوال نوجوان پٽ فقير مهرعلي گذاري ويو هو. فقير نجم جي دل تي درد اڳاٽو حملو ڪري چڪو هو. مهرعليءَ جي ڪمهلي وڇوڙي، سندس ٽهڪن کي نيپوڙي ٻي ساهو ڪري ڇڏيو هو. فقير اڌ ٿي ويو، پر پوءِ به ساٿ سان سلهاڙيو پئي آيو... اهو ساٿ گذريل اربع، 12 مارچ تي اچي پورو ٿيو. خيرپور مان ابراهيم ڪرل، آزاد انصاري، فهيم منگي ۽ مان محرابپور لاءِ نڪتاسين. فقير جي آخري سفر ۾ شريڪ ٿياسين، سندس آخري ديدار ڪيوسين... چپن تي اها ئي مرڪ هيس، جيڪا جيئري سندس سڃاڻ هوندي هئي. ساقي ٻڙدي، پنهل ماروواڙي،عاشق راڄپر، اياز ميمڻ، مرتضيٰ قل، غلام علي عامر، امجد مگڻهار، عاطف جاني ۽ ٻيا ڪوڙ ريڊيو ۽ ادب سان واڳيل دوست اتي موجود هئا... هر ڪنهن جي اک آلي هئي. شهرواسي سڏڪن ۾ مليا. تدفين ڪانپوءِ استاد عبدالغفور سومرو، شريف عباسي ۽ ٻي سنگت به اچي پهتي هئي.

9 فيبروريءَ تي ساڻس آخري ڪچهري ٿي هئي. ريڊيو خيرپور تي اوچتو اچي اسٽيشن ڊائريڪٽر سيد اڪبر شاهه جي آفيس ۾ نڪتو هو. هاشم پٽي، مير صوبدارسعيد ۽ فهيم يحييٰ پتو سميت گهڻي سنگت موجود هئي، جو فهيم پتو جي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽڻ جي مختصر تقريب رکيل هئي. سيني کي گڏ ڏسي پهريان ته حيران ٿي ويو، پوءِ چيائين، ”ڏسڻ آيو آهيان، ريڊيو جيئرو به آهي يا پيالو ڪري ويو؟“ مٿان وري سندس ٽهڪ. روشن شيخ ۽ مان ساڻس گڏجي هڪ ريسٽورينٽ تي وڃي ويٺاسي. ڪلاڪ ڏيڍ ويٺاسي. چانهن جي ڪوپ تي ماضيءَ کي خوب ياد ڪيوسي.

سچل سائينءَ جو ڪلام سندس سڃاڻ بڻيو هو. مون ڪي ٽي اين تي ”رهجي اچي شل“ جي عنوان سان پنجن قسطن واري هڪ ڊراما سيريل لکي هئي، جنهن ۾ فقير جو ڳايل سچل سائينءَ جو اهو ڪلام ٿيم سانگ طور هليو هو.

ڪجهه سال اڳ ”سچل ايوارڊ“ ملڻ تي ڏاڍو خوش ٿيو هو. قربان منگيءَ کيس تڏهوڪي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه کان سچل ايوارڊ وٺڻ واري سندس تصوير وڏي سائيز ۾ پرنٽ ڪرائي ڏني هئي، جنهن تي ڏاڍو خوش ٿيو هو.

ڪلهه ڇنڇر جي شام سچل جي ميڙي ۾ جيڪا موسيقيءَ جي محفل ٿي، ان ۾ به فقير ڪانڊيل هيو. اڄ آچر تي شام جو درازا ۾ جيڪا سچل ادبي ڪانفرنس ٿيڻ واري آهي، ان ۾ به فقير کي سچل جو ڪلام ڳائڻو هو... ”توسان منهنجي سهڻل سائين! رهجي اچي شل..“ ■

### ٻن برک شاعرن: ڊاڪٽر آڪاش انصاري ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال کي خراج

# ڊاڪٽر آڪاش جهڙي نفيس شخص جي بيرحميءَ واري قتل جو ٻڌي لڱ ڪانڊارجي ويا هئا

سوشل ميڊيا تي آڪاش انصاريءَ جي قتل ۽ ڪيس ساڙي مارڻ جي حوالي سان بحث هلندڙ آهي. تازو سندس ونيءَ پاران هڪ ويڊيو جاري ٿي آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي پٽ کي بي گناهه ثابت ڪرڻ لاءِ بيان ڏنو آهي. سندس بيان تي جامي چانڊيئي سخت رد عمل جو اظهار ڪندي، فيس بُڪ تي پوسٽ لڳائي اهڙي قسم جي بيان کي نه فقط نندڻيو آهي، بلڪه ان کي، ڪيس کي لوڙهڻ جي سازش قرار ڏنو آهي. اهڙي قسم جي صورتحال ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ جي دوستن ۽ گهڻ گهرن کي اجان به وڌيڪ ڏکايو آهي ۽ صدمي جي شدت کي وڌائي ڇڏيو آهي.



**پروفيسر سليم ميمڻ**

## ڊاڪٽر آڪاش انصاري

ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ کي جنهن بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو، اهو سڄو قصو ٻڌي لڱ ڪانڊارجيو ٿا وڃن. ڪانڊارجي وڃڻ جو اصطلاح ٻڌو ۽ پڙهيو هئم، پر جڏهن ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ جي خوفناڪ ۽ بيرحميءَ سان ٿيل قتل جا وچور ٻڌم ته واقعي لڱ ڪانڊارجي ويا هئا ۽ پهريون دفعو ان ڪيفيت جو نه فقط احساس ٿيو، پر ان کي ذهني ۽ جسماني طور تي محسوس پڻ ڪيم. ڇا ته زنده دل نفيس انسان هوا! جنهن سان ملندو هو، اهو به اهوئي سمجهندو هو ته آڪاش انصاري سندس ئي دوست آهي.

سوشل ميڊيا تي سندس قتل ۽ ڪيس ساڙي مارڻ جي حوالي سان بحث هلندڙ آهي. تازو سندس ونيءَ پاران هڪ ويڊيو جاري ٿي آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي پٽ کي بي گناهه ثابت ڪرڻ لاءِ بيان ڏنو آهي. سندس بيان تي جامي چانڊيئي سخت رد عمل جو اظهار ڪندي، فيس بُڪ تي پوسٽ لڳائي اهڙي قسم جي بيان کي نه فقط نندڻيو آهي، بلڪ ان کي، ڪيس کي لوڙهڻ جي سازش قرار ڏنو آهي. اهڙي قسم جي صورتحال ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ جي دوستن ۽ گهڻ گهرن کي اجان به وڌيڪ ڏکايو آهي ۽ صدمي جي شدت کي وڌائي ڇڏيو آهي. سيني دوستن ۽ سنڌ جي عوام جي اها خواهش آهي ته انصاف ٿئي ۽ بيرحميءَ سان قتل ڪندڙ پنهنجي منطقي انجام تائين ضرور پهچن.

مون آڪاش جي شاعريءَ کي سندس مخصوص انداز ۾ ٻُڌو: پهرين هو ۽ پڙهيو بعد ۾ هو. سندس شاعري پڙهندي به مون کي اهو احساس ٿيندو آهي ڄڻ هُو سامهون ويٺو پنهنجي مخصوص انداز ۾ اها پڙهندو هجي. آڪاش جي شاعريءَ جو جيڪڏهن اوهان اڀياس ڪيو ته سندس سِٽ سِٽ عوامي شاعري آهي، جنهن ۾ سموري انسانذات جا اهنج، ڏک، سُور ۽ ڌرتيءَ جو درد سمايل نظر تو اچي. هُو ذاتي معاملن، مسئلن، پيار ۽ محبت بدران اجتماعي ڏک ۽ پيڙا کي اجاگر ڪندو نظر تو اچي.

آڪاش انصاري هڪ مظلوم قوم جو شاعر هئو. اهوئي سبب آهي جو سندس شاعريءَ ۾ مظلوميت جو داستان قلمبند آهي. هُو پنهنجي همعصرن ۾ هڪ منفرد مقام رکي ٿو. همعصرن سان جيڪڏهن سندس ڀيٽ ڪجي ته موضوع، ماحول، مسئلا، ڏکن ۽ ڏاکڙن ۾ هڪجهڙائي ضرور ملي ٿي، پر سندس اسلوب، اندازِ بيان ۽ پيشڪش توڙي اندازِ اظهار پنهنجي همعصرن کان بلڪل منفرد، نرالو، جوشيلو ۽ باغياڻو آهي. "شل انهيءَ کان اڳي" ۾ ڪجهه هن ريت اظهار ڪري ٿو:

ديس پنهنجي مان ڌاريان ٿي ڌڪجي وڃون،
پنهنجي مٽيءَ جي خوشبوءِ لئه سِڪجي وڃون،
يا فلسطينين جيئن ڦُرجي وڃون،
شل انهي کان اڳي ڪاش وڙهندي مرون.

پنهنجي ڏاڏاڻي قبرن مٿان هٿ ڪٽون،
پنهنجي وڏڙن جي هڏڙن مٿان هٿ ڪٽون،
يا پڻائي جي سڏڙن مٿان هٿ ڪٽون،
پنهنجي تاريخ جي مُنهن تي ڪارنهن مَليون،



شل انهي کان اڳ ڪاش وڙهندي مرون.

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي گولڊن جوبلي جي موقعي تي ڪيس چيم، "ڊاڪٽر صاحب، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي گولڊن جوبلي آهي، ان لاءِ ڪو ترانو لکي ڏيو." جواب ها ۾ هو. هفتي کان پوءِ وري فون ڪيم، چيائين، "دل جهل، اجان ذهن، دل ۽ لفظن ۾ ميلاپ ٿي نه سگهيو آهي." ٻن ڏينهن کان پوءِ فون ڪري چيائين، لکي ڇڏيو اٿم، موڪليان ٿو. ان لاءِ فنڪار جي چوند به ڪئي اٿم. ماسٽر ولي اهو ڳائيندو. ڌن مان پاڻ ٺاهيندس. سندس چوڻ موجب اها ڌن به پاڻ جوڙيائين. تراني جي مصرع آهي:

"سڱا جو قافلو آهي، هلندوئي رهي."


ظالم وقت ڪائنس اسان کي ڦُري ورتو. هُو سنڌي شاعريءَ جو بذات خود آڪاش هو، جنهن ۾ تخيل ۽ ذات جي سونهن جا سهسين سج جلوه افروز آهن. پر هُو پنهنجي شاعريءَ جيان "اڌورو اڌورو رهجي ويو" ۽ پنهنجو ڪتبو به پاڻ قلم بند ڪري ويو.

ڏسين ٿو قبر تي ڪتبو ته آئون ڪير آهيان؟
مان پنهنجي سنڌ جي مٽيءَ جو ننڍڙو ڍير آهيان،
مان ديِنَ ڌرمَ جي دوکن کان دور دور رهيس،
مان ماڻهپي جي منزلن ڏي ڪنيل پير آهيان.

## ڊاڪٽر ذوالفقار سيال

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال سان منهنجي ملاقات 1970ع جي ڏهاڪي ۾ پاڪستان ٽيليويزن تي ٿي. مان خبرون پڙهندو هئس ۽ سنڌيءَ ۾ 'حال احوال' پروگرام جي ڪمپيئرنگ ڪندو هئس. ڊاڪٽر صاحب ادبي پروگرام جي ميزباني ڪندو هو. هو ڪراچي سينٽرل جيل جو ميڊيڪل آفيسر هو. خماريل نيڻن وارو ڊاڪٽر سيال! مون کي ڪو زبردست پياڪ محسوس ٿيندو هو، پر جڏهن ويجهڙائپ ٿي ته هن چيو، "آئين ڪونهي، منهنجي اکين ۾ زندگيءَ جو خمار پريل آهي، جيڪو اجان ڇلڪيو ناهي."

هڪڙي ڏينهن منهنجي آفيس ۾ آيو، چيائين، "مون کي سنڌيءَ ۾ پي ايڇ ڊي ڪرڻي آهي." پڇيومانس، "سنڌيءَ ۾ ايم اَي ڪيل آهي؟" چيائين، نه. مون وراڻيو ته، "پهرين ايم اي ڪرڻي پوندي ان کان پوءِ پي ايڇ ڊي ٿيندي." چيائين، ڊائريڪٽ ڇي ايڇ ڊي ۾ داخلا نه ٿيندي؟" مون وراڻيس، .No Direct "پوءِ ڇا ڪيون؟" مون چيو، "پرائيويٽ اميدوار طور ايم اي ڪر. نصاب مان گهٽيون شيون تنهنجيون اڳ ۾ پڙهيل هونديون." مون رجسٽريشن جو فارم ڀرائي ڏنس. ٻن ٽن ڏينهن ۾ پري، گهربل دستاويز لڳائي ڪٽي آيو. ٻن سالن ۾ ايم اَي فرسٽ ڊويزن ۾ پهرين نمبر سان پاس ڪيائين.



ان دور ۾ يونيورسٽيءَ جو full fledgedپروفيسر، پي ايڇ ڊي نہ هوندي بہ اها ڪرائي سگھندو هو. هڪڙي ڏينهن ايڇ اِي سي طرفان اعلان ٿيو تہ، فلاڻي تاريخ کان پوءِ پي ايڇ ڊي ۾ سنئين سڌي داخلا ڪانہ ملندي، پهريان ايم فل ڪرڻي پوندي پوءِ پي ايڇ ڊي ۾ داخلا لاءِ اهليت ملندي ۽ ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي ۾ ڪورس ورڪ بہ ڪرڻو پوندو. معنيٰ باقاعدگيءَ سان ڪلاس ۾ حاضر ٿيڻو پوندو. وٺ وٺان ٿي وئي. مون وٽ چئن دوستن اچي رجسٽر ٿيڻ جي خواهش ظاهر ڪئي، جنهن ۾ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، ڊاڪٽر قاسم راڄپر، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو ۽ يونس مهر شامل هئا.

ببليوگرافي ۽ Synopsisتي ڪم ڪرائڻ شروع ڪيم. انهن جي BASRڪان منظوري وٺي ڪم شروع ڪيوسين تہ ايڇ اِي سي جا نوان حڪم اچي ويا تہ، جيڪي گائيڊ يا سپروائيزر پي ايڇ ڊي ناهن، اهي پي ايڇ ڊي نٿا ڪرائي سگھن. چئني کي سڏائي اها ڳالھ ٻڌايم تہ، توهان کي پنهنجا گائيڊ مٽائڻا پوندا. ڊاڪٽر آفتاب کي ڊاڪٽر فهميده جي حوالي ڪيم. ڊاڪٽر قاسم راڄپر ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال چيو تہ، گائيڊ ڪير بہ ڪيو، ڪم توهان جي نگرانيءَ ۾ ڪنداسون. اهڙيءَ ريت هنن جي گائيڊ ڊاڪٽر ناهيد پروين، جيڪا سنڌي شعبي جي چيئرپرسن هئي، سا مقرر ٿي، پر ڪم ٻنهي منهنجي ساٿ سان مڪمل ڪيو.

ڊاڪٽر قاسم راڄپر، پي ٽي ويءَ جي سنڌي ڊرامن تي ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ”مير علي نواز ناز جي شخصيت ۽ شاعريءَ جو تنقيدي اڀياس“ جي عنوان سان پي ايڇ ڊي ڪئي. هُن ان ڏس ۾ تمام گھڻي محنت ڪئي، پر خاص طور تي باليءَ جي شخصيت تي هن تمام گھڻي ڇنڊڇاڻ ڪئي ۽ لاهور جي هيرامنڊيءَ وڃي، باليءَ جي ڀينرن، ڀاءُ ۽ ٻين سان ملاقات ڪري احوال ورتائين. باليءَ جي اصل تصوير بہ حاصل ڪيائين. ان کان اڳ جيڪا تصوير بالي يعني اقبال بانو جي تصوير ڪري پيش ڪئي ويندي هئي، سا سندس نہ هئي. دهليءَ جي هڪ لائبريريءَ مان مير علي نواز ناز جي اردو شاعريءَ جو مجموعو، ”گلدستہ ناز“ بہ هٿ ڪيائين، جيڪو دهليءَ جي F.A.Lپريس پاران شايع ٿيل آهي، ۽ جنهن جي سنڌ ۾ ڪنهن وٽ بہ ڪاپي نہ هئي.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال سنڌي ادب جي انهن روشن تارن مان آهي، جن جي روشني سنڌن ابتدائي دور کان اڄ تائين هڪجهڙائي ۽ هڪ ڪرائي رکندڙ آهي. شاعريءَ جي ذري گھٽ سيني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي هئائين، تہ ساڳئي وقت ٻارڙن لاءِ بہ شاعري ڪيائين، جيڪو اڄان بہ ڏکيرڙو ڪم آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻارڙن جي شاعريءَ لاءِ اوهان کي انهن جي مزاج، ذهني سطح، اڀياس جي قوت ۽ معصوميت جي عنصر کي آڏو رکڻو پوي ٿو.

موجوده دور ۾ ڪي بہ ٽي شاعر آهن، جيڪي ٻارڙن لاءِ شاعري تخليق ڪن ٿا، جن ۾ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال بہ هڪ اهم شاعر هو. ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي شاعريءَ جا 30 کان وڌيڪ مجموعا شايع ٿيل آهن، جن مان 15 مجموعا ٻارڙن جي شاعريءَ تي مشتمل آهن. ان مان اوهان اندازو لڳائي سگھو ٿا تہ ڪيس ٻارڙن جي شاعريءَ لاءِ ڪيتري محنت ڪرڻي پئي هوندي.

شاعريءَ سان گڏوگڏ هن سفرناما بہ لکيا، تہ سوين ڪالم بہ لکيا، جن ۾ سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن کي نهايت بردباري، تحمل ۽ دوربينديشيءَ سان پيش ڪيائين، پر ڪالم نگاري ۽ سفرنامن جي ڀيٽ ۾ سندس شاعريءَ جي ڏات، فن، حيثيت ۽ شهرت اتم آهن. سندس تخيل جي بلندي، لفظن جي بامعنويت، احساسن، امنگن ۽ جذبن جي نزاڪت، سندس شاعريءَ ۾ لفظن، معنائن ۽ خيالن جي هم آهنگي ۽ انهن ۾ موجود موسيقيت پنهنجي همعصرن ۾ ڪيس مٿانهين درجي واري حيثيت ڏياري ٿي.

ذوالفقار جي شاعريءَ جا گوناگون ۽ ڪٿي ڪٿي ڇرڪائيندڙ، انوکا ۽ دلچسپ موضوع، سندس شاعريءَ جو سهڻو سٽاءُ، سندس نرالو، منفرد ۽ جاندار اسلوب، نغمگي ۽ آهنگي ۽ شاعريءَ جو رَسُ ۽ رومانويت جو رنگ ڪيس ٻين شاعرن کان منفرد مقام بخشي ٿو. سندس انهن شاعراڻين خوبين جي ڪري راڳين سندس ڪلام کي پسند ڪري ڳايو، جن ۾ ملڪ جا اهم ڳائڻا شامل آهن.

حقيقت ۾ ذوالفقار سيال جو فن، سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي دنيا ۾ جديد هيئيت ۽ اسلوب جي انوکن ۽ دلچسپ تجربن جي ڪري هڪ فني علامت بڻجي چڪو آهي.

ذوالفقار سيال، زندگيءَ بابت چيو آهي:

زندگي — ڪنهن جو پگھر جڻ ڪو گلاب
زندگي — اکين ۾ پوريل ڪوئي خواب
زندگي — ڪنهن جو جڻ زخمي بدن
زندگي — جڻ آ خزان، اُجڙيل چمن
زندگي — آهي وڏو رنج و الم
زندگي — ٿوري خوشي ۽ ڊاڍو غم. ■

*(ڊاڪٽر آڪاش انصاري ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال کي سندن علمي ۽ ادبي خدمتن جي مڃتا ۽ ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ 10 مارچ 2025ع تي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران منعقد ڪيل ادبي/تعزيتي ريفرنس ۾ پيش ڪيل مقالو)*

ڪهاڻي

# هُو پري سَيا ۾ اڪيلا نہ رهيا



فقير محمد سنڌي

هڪ ننڍڙي، سامونڊي ڪناري واري شهر ۾ ٻہ دوست، ايما ۽ ريان، ننڍپڻ کان ئي الڳ ٿي چڪا هئا. اهي هر راز ۾ هڪٻئي سان وڻ ويڙهيءَ وانگر جُڙيل هوندا هئا. جيئن اهي بالغ ٿيا، پنهنجي زندگيءَ ۾ منفرد ۽ مختلف طور طريقا اختيار ڪندا ويا.



پينٽنگ انسٽاگرام تان ورتل

ايما، هڪ باصلاحيت فنڪار، پنهنجي ماءُ جي گذاري وڃڻ کان پوءِ دنيا ڏرتيءَ کي انتهائي باريڪ بينيءَ سان جانچي، جُهد ۾ جُنبي وئي. هوءَ ائين محسوس ڪندي هئي، ڄڻ ڪائنس سندس ڪو حصو ڪسجي ويو هجي. اُهي رنگ جيڪي ڪنهن زماني ۾ هن جي ڪئنواس تي رقص ڪندا هئا، هاڻي بيجان ۽ بيوسيءَ جو ناچ نچي رهيا هئا. ايما جي دنيا سُرمئي ڏوڙ ۾ ڍڪيل هئي ۽ هوءَ پنهنجي زندگيءَ جي پُراسرار پيچري تي وِياڪل وِياڪل ٿيڙ ڪائيندي رهي.

ريان، ٻئي طرف، ساڻس ظاهري گڏُ هجڻ جو ڏيک ڏيندو رهيو. پنهنجي ڪامياب مستقبل جا خدشا، پيار ڪندڙ سنگتياڻي ۽ دل لُڀائيندڙ مُرڪ ريان جي اندر جي اونداهہ کي گهرو ڪري ڇڏيندي هئي، ۽ سندس اندرُ ڄڻ ڪنهن ڇُري سان ڦاڪون ڦاڪون ٿيل محسوس ٿيندو هو. مسلسل ڪارڪردگي ڏيکارڻ ۽ ٻين کي خوش رکڻ وارو رَويو هن جي ذهني صحت ۽ صلاحيت کي نپوڙي رهيو هيو. هن محسوس ڪيو تہ سندس زندگي ڪنهن اٽيي ٽُڪر يا ڪنهن هڏيءَ وانگر نڙيءَ ۾ اٽڪي رهي آهي. سندس زيست جي رازن جي ڪنهن پانداري ۾ تدفين ٿيندي رهي.

هڪ ڇرڪائيندڙ شام جو ، ايما ۽ ريان پنهنجي پسند واري ساحلي ڪيفي ۾ مليا. ايما جون ڏرا ڏنل اکيون، پيلي چمڙي ۽ مُرڪڻ مجبوريءَ جي صليب تي رت جا ڳوڙها ڳاڙي رهيو هيو. ريان جي اکين مان اداسي جا ترورا ظاهر ٿي رهيا هئا. هو گنل پيٽنل ريتن رسمن کان انتهائي الرحڪ هيو.

ڪافي پيئندي، ايما اعتراف ڪيو تہ، ”تو کان دور گهارڻ سبب مان ڊپريشن جي آويءَ ۾ پچي پچري آهيان ۽ بيسود جهد ۾ يتيم ٻار وانگي ٿاٻن ٿيلهن ۾ ٿُڏجندي رهي آهيان.“

ريان غور سان سندس ڳالهيون ٻڌندو رهيو، هن جون اکيون ڪنهن اُونهي پاتار ۾ ڄڻ ٻُڏنديون ويون ۽ هن پهريون ڀيرو ايما جي درد کي پنهنجيءَ دل ۾ ڌڙڪندي محسوس ڪيو. وڇوڙي جا وِڍ ڄڻ آدم کي اَڍ ۾ مليا هجن. ايما پنهنجي اُجڙيل ۽ وڪريل عشق کي ڄڻ جاڳرتا جي لباس ۾ آڻي اُجارڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. هن پنهنجي وڇوڙي جي پل کي ريان جي عدالت ۾ آلين ۽ اُميد ڀرين اکڙين سان وڪالت ڪندي پيش ڪيو.

ان پل ايما جي چوڌاري ڳاڏين جا آواز ڪنهن راڪاس جي رانياٽ جيان سندس ڪنن ۾ گونجندا رهيا، ۽ ريان جي رازن کي ٻارُ نہ پانيائين. هِنن محسوس ڪيو تہ هن پري سَيا ۾ اهي اڪيلا نہ هيا هنن سان گڏُ سندن ويچارا ويچار غور جي گُڦا ۾ آزاد پٽڪي رهيا هئا.

گڏو گڏ انهن علاج جي سيشن ۾ شرڪت ڪرڻ شروع ڪيو. اونداهي لمحن ذريعي هڪ ٻئي جي مدد ڪئي. ايما جو فن هڪ ڀيرو ٻيهر ڦهلجڻ لڳو. جيئن هن پنهنجي جذبات کي ڪئنواس تي ڇِٽيو. ريان جا لاڳاپا بهتر ٿيا، جيئن هن سکيو تہ پنهنجي ڀلائيءَ کي اوليت ڏجي.

سندن پاڇي جو وزن آهستي آهستي ختم ٿيڻ لڳو، ۽ زندگيءَ جا رنگ وري سندن دنيا ۾ پکڙجڻ لڳا. ايما ۽ ريان جي دوستي اميد جي روشني بڻجي وئي. هڪ ياد ڏياريندڙ اونداهي لمحن ۾، هميشہ اڳتي وڌڻ جو رستو ڳولي ورتائون... اهو بہ سمجهي ورتائون تہ جيون ۾ ڪا حاصلات ڪٺن سفر سان ئي حاصل ٿيندي آهي. ■

# منٺار سولنگيءَ جي نظر ۾ ادل سومري جي شخصيت ۽ شاعري

اڄ سنڌي ادبي سنگت پنهنجو بنيادي ڪارج ختم ڪرڻ جي ويجهو پهتي آهي. لڳي ائين رهيو آهي ته، اها آهي ته ادبي سنگت، پر سنڌي ادب ۾ ان جو ڪردار گهٽ سجاپڄي رهيو آهي. اڄ ان جو هجڻ يا نه هجڻ هم معنيٰ لفظ طور سجاپڄي رهيا آهن! ائين نه هوندو، پر مون کي ائين محسوس ٿيو آهي ته، سنگت تنظيمي طور موجود ضرور آهي، پر اهو ڪجهه قبولڻ مون لاءِ ڏکيو آهي ته، اها اديبن جي نمائنده تنظيم آهي.




رڪيل مورائي

”جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ادل سومري جو حصو“ ان ٿيسز جو نالو آهي، جيڪا شاهه لطيف يونيورسٽيءَ مان اسان جي سيني وصفين سهٽي ۽ دل گهرئي دوست منٺار سولنگي پنهنجي ايم اي ڪرڻ وقت مونوگراف طور لکي هئي.

هڪ طرح هي سمورو ڪتاب ادل سومري جي شخصيت ۽ شاعريءَ بابت آهي، پر هن ڪتاب جا اهي لفظ مان هتي ضرور ڏيڻ چاهيندس، جيڪي منٺار (جنهن جي اڳيان مان ’مرحوم‘ لفظ لکي سگهڻ جي سگهه نٿو رکان) پنهنجي ڪتاب ۾ ’به اکر‘ طور لکيا آهن. اهي لفظ نه رڳو ادل سومري بابت سندس دلي اظهار آهن، پر هڪ شعوري وابستگيءَ جو به اظهار آهن، جن جي معنيٰ اڄ جي حوالي ۾ ڪيترائي پيرا وڌي ويئي آهي، جڏهن سنڌي ادبي سنگت پنهنجو بنيادي ڪارج ختم ڪرڻ جي ويجهو پهتي آهي.

لڳي ائين رهيو آهي ته، اُها آهي ته ادبي سنگت، پر سنڌي ادب ۾ ان جو ڪردار گهٽ سجاپڄي رهيو آهي. اڄ ان جو هجڻ يا نه هجڻ هم معنيٰ لفظ طور سجاپڄي رهيا آهن! ائين نه هوندو، پر مون کي ائين محسوس ٿيو آهي ته، سنگت تنظيمي طور موجود ضرور آهي، پر اهو ڪجهه قبولڻ مون لاءِ ڏکيو آهي ته اها اديبن جي نمائنده تنظيم آهي. ان لاءِ مون وٽ پنهنجا سبب آهن، جيڪي نائيڪ به ٿي سگهن ٿا، ايتري گنجائش ته رکڻ گهرجي.

هيءُ ڪتاب اسان جي هڪ دلبر دوست جي شاعري ۽ شخصيت بابت، هڪ ٻئي دلبر دوست جو لکيل آهي. اتفاق سان ٻيئي سنگت جا مرڪزي عهديدار رهيا آهن ۽ هڪ ٻئي سان ممڪن حد تائين سهڪاري به رهيا هئا. جيتوڻيڪ هنن جي چونڊ ٻن الڳ پينلز تان ڪئي وئي هئي. منٺار سولنگيءَ ڪتاب ۾ لکيو آهي ته: ”ادل سومري جو نالو موجوده دور جي سنڌي شاعرن ۾ هڪ خاص اهميت رکي ٿو. هن ٻارن توڙي وڏن لاءِ مسلسل لکيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سندس شاعري مون لاءِ شروع کان وٺي اتساهه جو سبب پئي رهي آهي، جو مون کي سندس شاعريءَ تي به لفظ لکندي تمام گهڻي خوشي ٿي رهي آهي.“



هيءُ ڪتاب جڏهن ڇپجي آيو آهي، ته ان وقت منٺار سولنگي پاڻ موجود نه آهي، پر سندس لائق فرزند ڪاشف منٺار اهو ڇپائي ڄڻ منٺار جي رهجي ويل خواهش پوري ڪئي آهي.

هڪ شاعر طور منٺار سولنگيءَ وٽ ادل سومري جي اهميت ڇا آهي؟ اهو هن سموري ڪتاب مان ظاهر ٿي رهيو آهي، جنهن جا ٻه باب آهن. ٻن حصن ۾ ورهايل پهرئين باب ۾ ادل سموري صاحب جي مجموعي شاعري ۽ شخصيت بابت سندس عنوان هي آهن: 1_مونو گراف هڪ تعارف، 2_شاعري، 3_سنڌي شاعري، 4_جديد شاعري، 5_جديد سنڌي شاعري ۽ 6_عبدالڪريم کان ادل سومري تائين.

ڪتاب جي ٻئي حصي ۾ ادل جي شاعريءَ جي صنفن تي تفصيل سان ليک لکيل آهن، جن صنفن ۾ بيت، وايون، غزل، هائيڪا، نظم، آزاد نظم ۽ نثري نظم شامل آهن، جن تي منٺار نهايت سمجهه ۽ ويچار سان تفصيلي لکيو آهي. آخر ۾ هن ڪن اديبن ۽ عالمن جا ادل جي شاعريءَ بابت ڪوٽيشنس پڻ ڏنا آهن ۽ پوءِ حوالا ۽ سمجهاڻيون، جيڪي هن ڪتاب جي نصابي گهرج آهن. جيتوڻيڪ ڪتاب اڪيڊمڪ نموني لکيو ويو آهي پر ان ۾ منٺار جون تخليقي صلاحيتون پڻ اجاگر ٿي آيون آهن، جيڪي هڪ تخليقي ليکڪ جون هجڻ گهرجن.

اڄوڪي گروپي ماحول ۾ منٺار جو هيءُ ڪتاب هڪ مثال آهي ويچارڻ لاءِ ته، ڪنهن به ٻوليءَ جو ادب/اديب اهم آهي، گروپ بنهه نه! جيڪڏهن ادبي سياست جي ور چڙهيل تنظيمون شخصي آهن، گروپي آهن يا ادبي آهن، ته انهن بابت سنڌي اديبن ۽ ادب جي گهڻ گهرن کي هڪ پيرو وري ويچارڻ گهرجي ۽ ان سڀ لاءِ منٺار سولنگيءَ جو هيءُ ڪتاب ضرور پڙهڻ گهرجي.

منٺار سولنگي اسان جي ٻوليءَ جو هڪ لاجواب شاعر ته هئو ئي، پر هو هڪ بيمثال شخص به هُئو. هن کي وقت کان اڳ ازل پاڻ ڏانهن وٺي ويو، ٻي صورت ۾ هو سنڌي ادب کي گهڻو ڪجهه ڏيڻ وارو هُئو. هيءُ ڪتاب سندس نثر لکڻ جي توانائي ظاهر ڪري رهيو آهي. ادل سومري صاحب جي شاعريءَ کان ٻاهر ڪتاب اهو به ظاهر ڪري رهيو آهي ته، شخصي توڙي ويچار جا ويڇا ٻولي، وطن يا ادب کان وڌيڪ نه هوندا آهن.

هي ڪتاب اهڙي عمل جو جيئرو مثال آهي، اڄ جي لکندڙن جو ويچار الڳ آهي، جيڪو مجموعي طور ساراهڻ جهڙو بنهه نه آهي. ڪنهن به طرح اسان جي يار ادل سومري کي هيءُ ڪتاب هڪ پيتا به آهي، ته سندس شاعريءَ جو هڪ سنجيده اڀياس پڻ آهي.

ادل سومرو سنڌي شاعريءَ جو هڪ اهم نانءُ ته آهي ئي، جنهن بابت ڪتاب لکي منٺار سولنگيءَ سنڌي ادب ۾ رواداري ۽ سهپ جو هڪ ننڍڙو ئي سهي مثال ڇڏيو آهي، جيڪا سهپ اسان جو اڄ جو نوجوان وڃائي خودثنائيءَ جي اهڙي ڪُن ڏانهن وڌي رهيو آهي، جيڪا ڪانئُس سڀ ڪجهه کسي وٺندي.

158 صفحن ۽ 500 رپين جي ملهه وارو هيءُ ڪتاب ”منٺار سولنگي اڪيڊمي نئون ديرو“ڇپايو ويو آهي، جنهن جا اڳواڻ ڪاشف منٺار سولنگي ۽ سندس وني زويا ڪاشف آهن. هن ڪتاب جو مهاڳ نامياري اديب عيسيٰ ميمڻ لکيو آهي ۽ ڪجهه لفظ اسان جي دوست نامياري صحافي عبداللطيف سولنگيءَ لکيا آهن. ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي منٺار سولنگيءَ جو هڪ يادگار خط ڏنل آهي، جيڪو هن پنهنجي محبوب دوست ادل سومري ڏانهن 21 آگسٽ 2004 تي لکيو هُئو. ■

# منٺار سولنگيءَ جا محمد علي ماجد کي لکيل خط



محمد علي ماجد

پيارا ڀاءُ محمد علي ماجد،


خوش هجين شال!

تنهنجي مهرباني مڃڻ ۾ مونکي ٽي مهينا گذري ويا. منهنجي سستيءَ کي اميد ته هن ڀيري به درگذر ڪندين. اڄڪلهه ڪم جو بار ڪجهه گهٽ ٿيو آهي، تنهن هوندي به مڪمل جان اڃان ڪانه ڇُٽي آهي. شايد اها ڪڏهن ڇٽي به نه!

ادل (سومري) تي مونوگراف لکان پيو. ادل جي شاعريءَ تي به چار سٽون موڪلين ته اهي به مونوگرام ۾ شامل ڪجن. ممڪن آهي ته ايڏانهن جو چڪر هڻان. پر پروگرام پڪو ناهي.

”سُرت“ لاءِ امتياز جو تعارف ۽ پنهنجو شعر موڪليان پيو. اميد ته مناسب نموني ڇپيندين.

تنهنجو منٺار
1995_09_10



پيارا محمد علي ماجد،

موجون ماڻين!

”ڪٿ ڳُٽ، ڪٿ ڳِٽ دي پاڙ، ڪٿ نشا توڙيئي... “ اهو پهاڪو اڄ سچ ثابت ٿيو، جڏهن تو مون ڏانهن اها اخبار موڪلي، جنهن ۾ گروپ فوٽو ڇپيل آهي. اهو تنهنجو منهنجي مٿان وڏو احسان آهي. هونءَ احسان، ٿورا ته تنهنجا اڳ ۾ به بيشمار آهن، پر هي ٿورو ڪجهه وڌيڪ ئي آهي. هاڻي مهرباني، هو اصلي فوٽو به موڪل، جيڪو اميد آهي ته تو هٿيڪو ڪري رکيو هوندو.

- هن ڀيري سنگت جي مرڪزي چونڊن ۾ سيڪريٽري جنرل لاءِ اميدوار آهيان، جڏهن مان اميدوار آهيان ته ڄڻ تون پڻ اميدوار آهين. ظاهر آهي ڪير ماڻهو چاهيندو ته چونڊن ۾ بيهي ۽ ڪِري پئي، تنهنڪري توکي هاڻي کان ئي پنهنجو ڪم شروع ڪرڻ کپي. اميد ته منهنجو مطلب سمجهي ويو هوندين.
- ڪراچيءَ لاءِ پروگرام اڃان نه ٿو ٺهي، جي ٺهيو ته پوءِ وڏا ۽ گهٽا ڪچهرا ڪبا.
- تون مون کي ياد آهين، اميد ته مان به توکي ياد هوندس.

تنهنجو منٺار
1995_12_24

پيارا ماجد،

- دوستن جي بيوفائين جا زخم تنهنجي ۽ منهنجي روح ۾ ناسور ٻڻجي چڪا آهن. يارن جي مڪارين جا اٽڪُٽ داستان آهن. مون کي ته الائي ڇو هاڻي دوستي به مائٽيءَ جيان لڳي ٿي. يعني ساڳيون اهي ئي مفاد پرستون ۽ خود غرضيون هتي به آهن. پروگرام تي روبرو ڳالهائبو ۽ دوستن جو مون سان رويو ته بهتر هو، پر ٻيون ڪجهه ڳالهيون هيون جن جو خيال نه رکيو ويو، اهي سڀ شيون روبرو ڊسڪس ڪرڻ جهڙيون آهن. بهرحال تنهنجي ڪمي اُتي مون کي ته هانوَ ۾ ڪنڊي جيان چُڀي رهي هئي. خبر نه آهي ته ٻين دوستن انهيءَ کي ايترو سيريس ڇو نه ورتو.
- تون يقين ڪر ڪراچيءَ ۾ جيڪڏهن تون نه ملندو آهين ته مون لاءِ ڄڻ نامڪمل ٽوئر ٿي پوندو آهي. تو سان دلين جا نه پر روح جا رشتا آهن. مون کي تنهنجي دوستيءَ تي سدائين فخر رهندو آهي. ضرور اچبو. ڪڏهن؟ اهو چئي نه ٿو سگهان، پر اچڻو ضرور آهي ۽ تو سان ملڻو به ضرور آهي.
- پلا مدهوش ۽ خليل جو ذڪر ڪونه ڪيو اٿئي! ڪنهن ڏنڌي روزگار سان به آهين يا ائين ئي ٿو روڊ ماپين؟

تنهنجو منٺار
2000_08_31

## سچ ۾ آڪاش اهڙي گهاءَ جو ڪِينَ هو حقدار



سرواڻ سنڌي

ڪنهن وڄايو ڄار، چالئہ ٿو پُڇين؟
تُون پتڻ جا پار، چالئہ ٿو پُڇين؟

سچ ۾ آڪاش اهڙي گهاءَ جو،
ڪِينَ هو حقدار، چالئہ ٿو پُڇين؟

يا تہ پنهنجي ياڳ جا ڳوڙها هُئا
يا وُٺو ولهار، چالئہ ٿو پُڇين؟

پيشوا ڇو پنڌ ۾ رهجي ويا؟
ڇو نہ پُهتا دار، چالئہ ٿو پُڇين؟

پاڻ رهبر، پاڻ اڳ ۾، ۽ پُٺيان،
ڪنهن هنئي تلوار، چالئہ ٿو پُڇين؟

پُٺ پنهنجي ۾ خنجر جي ڌار جا،
ڪيترا ٿيا وار، چالئہ ٿو پُڇين؟

ڇو ٻُڏي، سُهڻي اڪيلي سير ۾؟
ڇو بچيو ميهار، چالئہ ٿو پُڇين؟

عشق جو اڪ مان ڪجل نڪري ويو،
جيتِ ٿي يا هار، چالئہ ٿو پُڇين؟

دوستن جي وچ ۾ ايڏي اُيي،
ڪنهن ڪئي ديوار، چالئہ ٿو پُڇين؟

موت جنهن جي آخري ورندي هُجي،
سوال سو هر بار، چالئہ ٿو پُڇين؟


رقص پنهنجي رُوح ۾ آهي رچيل،
گيت جي گُونجار، چالئہ ٿو پُڇين؟

ياڳ پنهنجي جا ستارا اُپ تي،
گڏ هُئا يا ڌار، چالئہ ٿو پُڇين؟

هُوءَ هوا وانگر ڇُهي ويئي هلي،
ڳالهہ تنهنجي يار، چالئہ ٿو پُڇين؟

محبتن جي موت ۾ سرواڻ ڪي،
ڇا ڏنو سنسار، چالئہ ٿو پُڇين؟!

## غزل



وسيم سومرو

هي سنڌوءَ جو پاڻي آهي
پياسن جي آڪاڻي آهي

سڀ ڪردار اڇي ڪاغذ جيئن
کهڙي رنگ ڪهاڻي آهي

واريءَ تي پاڇولا ڇهہ ست
هڪڙي ماءُ مهاڻي آهي

ڏينهن سڄو سورج جِي ٻرندڙ
مون ۾ آڳ اجهاڻي آهي

وڻ وڻ تي پن ڇڻ جي موسم
ورهين کان ويڳاڻي آهي

ٿوهر ٿاڪ ڏسي ڇوڏاري
ٿي وئي وڍ ٽرياڻي آهي

منڇر جو ٿيو ميرو پاڻي
ڇو هر اڪِ اياڻي آهي

ساوڪ جا ويا خواب اڏامي
ساهُ سڪلَ ڪا لاڻي آهي

ڏيئن جيئن وسيم هوا ۾
ٻرندڙ ڪا جوڳياڻي آهي.

## غزل



پارو مل امراڻي سوٿهڙ

اسان کي روئاريو وري ياد تنهنجي
صفا هي آهي ڇري ياد تنهنجي

سمي جي دريا ۾ ٻيڙي وانگر
ٻڏي ياد تنهنجي تري ياد تنهنجي

حياتي جي رڻ ۾ اڪيلا هياسين
ٺڏي رات جيان ٺري ياد تنهنجي

سفر سو سونهي ٿو هجون جنهن ۾ هلندا
مٿي جي ٿا پانيون پري ياد تنهنجي

هي دل جي دنيا ۾ سمورن کان بهتر
اسان کي لڳي ٿي پري ياد تنهنجي

❊

پاڻ ارپي آياسين
دل بہ خرچي آياسين

هيڪلائي ۾ روئي
لڙڪ پيتي آياسين

گل بدن کي گل ڏيئي
گيت ميڙي آياسين

رنجشن جي ريتن ۾
پيار پوکي آياسين

مات جو ماحول ڏسي
ساز ڇيڙي آياسين

## وائي



بخشل باغي

ٻار ٻُڍي ۽ جوان
سيني جو جيئڌان
سنڌوءَ جو پاڻي

ٻُلهڻ جو هي ماڳ آ
سهڻيءَ جو سَنمان
سنڌوءَ جو پاڻي
ڊُکي اِندس ڊيلٽا
ڊُکيءَ جو درمان
سنڌوءَ جو پاڻي
واريءَ ۾ ووڙي پئي
سنڌوءَ جي سَنتان
سنڌوءَ جو پاڻي
سوکهڙي جي ڏيک ۾
وارياسو ميدان
سنڌوءَ جو پاڻي
لهرن تي لکندو رهي
ويدن جا وجدان
سنڌوءَ جو پاڻي
سنڌوءَ جو پاڻي

## بيت



ساقي ابڙو

سِنڌو تو ۾ ساهُ، آهي سِنڌِي قوم جو،
تون آن سڄي سِنڌ جو، دادِلو درياهُ،
تو ۾ آ ويساهُ، سِنڌِين جو "ساقِي" چوي!

سِنڌو توسان سِنڌ، سَڄي شاد ۽ آباد آ،
تنهِنجو پاڻِي پاڪ پَوِتّر، مون لاءِ آهي مَنڌ،
هيڪانڊِي هر هنڌ، ساوَڪ آ "ساقِي" چوي!

سِنڌو تنهِنجِي سِير، واهُڙَ ڪَري وَهندِي رهي،
سِنڌِين لاءِ "ساقِي" چوي، آهِين تون اَڪسِير،
بيشڪ بينَظِير، هُئِي مَوجَ تو مهراڻ جِي!

درياهِ تنهِنجي دانهَن، سُٺِي سِنڌِي قوم آ،
جُوانَ ٻُڍا عَورتُون، سَڀ تِڪا آيا تُوڏانهَن،
سِنڌِين جي ساڃانهَن، اڄ ثابت ٿِي "ساقِي" چوي!

سِنڌُو ۽ هِي سِنڌ، شل سدائِين ساوا رَهَن،
هيڪاندي هَر هَنڌ، هجي ساوَڪَ ٿِي "ساقِي" چوي!

## سنڌوءَ سان پيار جو نئون اظهار



رحيمداد جوڳي

سيني کي
پنهنجون پنهنجون اکيون آهن
سيني کي
پنهنجو پنهنجو پاڻي آهي
منهنجون اکيون ۽ منهنجو پاڻي
منهنجو سنڌو درياءُ آهي.

## اسان جي عورت



حسن پناهُ

ڪڏهن؟
آخر ڪڏهن
اسان وٽ
پورهيت عورتن کي
شمار ڪيو ويندو؟
۽ سندن پورهئي جي اجرت ملندي؟
هي ٻهراڙيءَ جون عورتون
جيڪي گهر جي سارسنڀال سان گڏ
مال متاع جي پالنا ڪنديون آهن
انهن لاءِ چارو ۽ گاهہ لٽي اينديون آهن
ڪترڪري مال کي ڏينديون آهن
۽ کير ڏهائي جو ڪم ڪنديون آهن_
نہ رڳو ايترو
پر مردن سان
رونبو لابارو ڪرڻ
۽ فصل جي چونڊي
۽ ڪٽائي ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ تائين
گڏ هونديون آهن_
گهر ۾ مال متاع جي وڪري ٿيڻ وقت
۽ فصل جي ٻٽئي وقت
انهن کي اجرت ڪڏهن ملندي؟
حڪومت
ڇوڪرين جي تعليم
۽ هنر لاءِ انٽرنشپ پروگرام
ڪڏهن شروع ڪرائيندي؟
نياڻين جي تعليم تي ڌيان
ڪڏهن ڏيندي؟
ٻهراڙيءَ جي
زمينن ۾ ڪم ڪندڙ عورتن کي
هاري ڪڏهن تسليم ڪيو ويندو؟
انهن کي زمين
ٻج ياڻ سميت
ننڍا قرض ڏئي
معاشي طور
ڪڏهن مضبوط بڻايو ويندو؟
۽ ايگريڪلچر ورڪر طور
تسليم ڪري
ڪين اجرت جو حقدار
ڪڏهن مڃيو ويندو؟
ماءُ ۽ ٻار جي صحت
جي آگاهي بابت بندوبست
ڪڏهن ڪيا ويندا"
۽ اسپتالن ۾
علاج جون مفت سهولتون
ڪڏهن مهيا ڪيون وينديون؟
رورل هيلٿ سينٽر
۽ ماهر ليڊي ڊاڪٽر
ڪڏهن مقرر ڪيون وينديون ؟
ڪڏهن؟
آخر ڪڏهن؟؟ ■

# آمريڪي ٿياڪڙيءَ ۾ روس ۽ يوڪرين ۾ عارضي جنگبنديءَ جون ڪوششون: ڌرين ۾ اعتماد جي کوٽ


Credit_ AAP

الهه بخش راٺوڙ

روس ۽ يوڪرين جي جنگ کي اصل ۾ "آمريڪا، يورپ ۽ روس ۾ جنگ" قرار ڏنو ويو هو. اهي ملڪ يوڪرين کي بفر طور استعمال ڪري رهيا آهن. روس شروع کان يورپ ۽ خاص ڪري آمريڪا کي پنهنجي لاءِ وڏو خطرو سمجهندو رهيو آهي. ساڳئي صورتحال آمريڪا ۽ يورپ جي آهي. سرد جنگ جي ڏينهن کان وٺي انهن ملڪن "بلاڪ سياست" ڪئي ۽ دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ لڳل جنگين پٺيان اهي ٽئي ڌريون رهيون. آمريڪا سيني کان اڳتي وڌي روس خلاف معاشي، سياسي ۽ فوجي ويڙهه ڪئي، ته جيئن روسي ڪميونسٽ نظام کي ڪمزور يا ختم ڪري سگهجي. اهي ملڪ پنهنجي ان هٿڪنڊي ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب به ويا. روس، اڳوڻي سوويت يونين طور هميشه پنهنجي بقاء جي جنگ وڙهي، هاڻ اها جنگ مختلف شڪلين ۾ جاري آهي، پراتفاق اهو آهي ته آمريڪا جي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ اوچتو يوٽرن آيو ۽ صدر ٽرمپ اهو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته، آمريڪا دنيا ۾ ڪابه جنگ نٿو چاهي ۽ ممڪن آهي ته اهو معاشي جنگ جي تياري ڪري چڪو هجي.

سعودي عرب ۾ آمريڪا، روس ۽ يوڪرين جي وچ ۾ جنگبنديءَ لاءِ ڳالهيون ٿيون ۽ عارضي طور تي هڪ مهيني لاءِ سيز فائر تي اتفاق ٿي ويو، پر سمورين ڌرين ۾ خدشا موجود آهن. جيئن ته جنگ جاري رکڻ انتهائي مشڪل آهي، جنهن ۾ وسيلن سان گڏ انساني جانيون به ضايع ٿين ٿيون، انڪري هاڻي معاملافهمي جو رستو اختيار ڪيو پيو وڃي. روسي صدر پيوٽن هڪ پريس ڪانفرنس دوران عارضي جنگبنديءَ کي قبول ڪيو، پر ان سان گڏ هن پنهنجا خدشا به سامهون رکيا. هو آمريڪا کان ضمانتون گهري رهيو آهي. آمريڪي صدر کي ڳالهين ۾ سڌي ريت شامل ٿيڻ لاءِ زور به پري رهيو آهي. صدر ٽرمپ ٿياڪڙي جي آڇ کي قبول ڪيو ۽ چيو ته، هو روسي هم منصب سان ويهي معاملا طئي ڪرڻ لاءِ تيار آهي. هينئر، توڙي جو يورپي يونين ڳالهين جي سمورن مرحلن ۾ يوڪرين جي حمايت جاري رکڻ جو اشارو ڏنو آهي، پر يورپي يونين کان الڳ ٿيل برطانيا، ڪيترين ئي مشڪلاتن کي جنم ڏئي رهيو آهي. ان سان گڏ نيٽو ۾ شامل ٻيا ملڪ به چاهين ٿا ته روس کي مشڪل صورتحال ۾ رکيو وڃي ته جيئن هو سندن شرطن تي جنگبنديءَ کي قبول ڪري.

يورپ جي پيٽ ۾ آمريڪا سمجهي ٿو ته، جيڪڏهن روس سان جنگ جاري رکي وئي ته وسيلا هن جا خرچ ٿيندا ۽ اهو ڪنهن به تڪرار ۾ پنهنجي سياسي توڙي مالي موڙي سيڙائڻ لاءِ تيار ناهي.




يوڪرين مان جيڪڏهن ڪنهن کي وڌيڪ فائدو آهي ته اهو يورپ آهي.

روسي صدر ولاديمير پيوٽن 13 مارچ 2025ع تي پهريون باقاعده ردعمل ڏيندي چيو ته، هو آمريڪا پاران تجويز ڪيل جنگبنديءَ کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهي، پر ان لاءِ ضروري آهي ته، هڪ مهيني دوران يوڪرين، يورپ يا آمريڪا کان ڪابه فوجي امداد حاصل نه ڪندو، ۽ نه ئي پنهنجي فوج ۾ واڌ ڪندو. نه کي وري فوجي تربيت ڪندو. بقول صدر پيوٽن جي ته، "جنگ جي خاتمي لاءِ بحران جي اصل سببن کي حل ڪرڻ گهرجي. يوڪرين سان جنگ چو شروع ڪئي وئي، ان طرف اچڻ گهرجي."

عالمي مبصرن جو خيال آهي ته، جنگ جو اصل سبب يوڪرين جي نيٽو ۾ شامل ٿيڻ واري خواهش آهي، جنهن جي يورپ حمايت ڪري ٿو، جڏهن ته آمريڪا يوٽرن وٺي چڪو آهي. ٽرمپ نيٽو ۾ يوڪرين جي شامل ٿيڻ واري خواهش کي خواب سمجهي ٿو. روس چاهي ٿو ته، يوڪرين علائقي اندر سرچاءُ وارو رستو اختيار ڪري ۽ اڻ ڌريو رهي، خاص ڪري يورپي مداخلت جي حوالي سان. هيل تائين روس، آمريڪي مفادن جي ڳالهه نه ڪئي آهي. آمريڪي صدر ڪجهه ڏينهن اڳ وائيٽ هائوس ۾ يوڪرين جي صدر زيلنسڪي جي تاريخي بيعزتي ڪئي ۽ فوجي امداد ۽ انٽيليجنس شيئرنگ جو سلسلو بند ڪيو هو، جيڪو ٻيهر شروع ڪيو ويو. آمريڪا جي ان رويي تي به روس کي اعتراض آهن. آمريڪا، يورپ جي دٻاءَ سبب واپس يوڪرين سان فوجي سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. روس جو اهو به خيال آهي ته، يوڪرين جنگبندي دوران نوجوانن کي زبردستي پنهنجي فوج ۾ شامل نه ڪري، جيئن ان جي عسڪري طاقت کي وڌيڪ ڪمزور ڪري سگهجي.

روسي صدر پيوٽن 12 مارچ تي ڪورسڪ جي علائقي ۾ فوجي ڪاميابي جو خاص ذڪر ڪيو ۽ چيو ته روس پنهنجي يوڪرين جي قبضي هيٺ 86 سيڪڙو علائقي کي واپس وٺي چڪو آهي. هاڻ ڇا يوڪرين جي قيادت مڪمل طور تي هٿيار ڦٽا ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندي يا نه؟ اهو وسارڻ نه گهرجي ته، آگسٽ 2024 ۾ يوڪرين روس جي ڪورسڪ جي علائقي تي قبضو ڪيو هو. هينئر زيلنسڪي چئي رهيو آهي ته، روس سندن صرف 20 سيڪڙو علائقي تي قابض آهي. يوڪرين جي ڪمانڊر انچيف اوليڪسينڊر سوريسڪي علائقي ۾ مشڪل صورتحال جو اعتراف ڪيو، پر اهو به چيو ته پنهنجو دفاع ايتري دير تائين ڪندو، جيستائين ضروري هوندو.

آمريڪي صدر ٽرمپ، روسي صدر پيوٽن جي بيان کي انتهائي اميد پريو قرار ڏنو، پر ان کي اڻپورو سڏيو ۽ چيو ته هو روسي صدر سان ملاقات لاءِ تيار آهي. يوڪرين جي صدر زيلنسڪي هاڻ به اهو سمجهڻ شروع ڪيو آهي ته روس امن کي جيترو ٿي سگهندو، التوا ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪندو، ڇاڪاڻ ته انهن طرفان تجويز ڪيل جنگبنديءَ تي هو واضح ناهي. يوڪرين جي صدر روس تي، جنگبنديءَ تي عمل نه ڪرڻ لاءِ تيارين جو به الزام مڙهيو، پر ٽرمپ بلڪل ان جي ابتڙ سوچ ظاهر ڪئي ۽ چيو ته هن کي صدر پيوٽن مان بهتري جون اميدون آهن. روس جنگبنديءَ کان پهريان جيڪي سوال اٿاريا آهن، انهن جو جواب به چاهي ٿو. روس، يوڪرين بدران آمريڪا جي ذريعي معاملن کي طئي ڪرڻ جي حق ۾ آهي، ڇاڪاڻ ته عالمي سياست ۾ روس جو مقابلو آمريڪا سان آهي، يوڪرين ته بفر آهي.

جده ۾ آمريڪا جي تجويز ڪيل جنگبنديءَ ۾ قيدين جي مٽاسٽا، قيدي شهرين جي آزادي ۽ يوڪريني ٻار، جيڪي روس منتقل ٿيا آهن، انهن جي واپسي شامل آهي. دستاويز ۾ روس تي پابندين يا يوڪرين لاءِ سيڪيورٽي ضمانتن جو ذڪر نه ڪيو ويو، صرف ايترو چيو ويو آهي ته، يوڪرين جا اتحادي يورپي ملڪ امن عمل ۾ شامل رهندا. الجزيرا مطابق دستاويز ۾ اهو نه ٻڌايو ويو آهي ته، ڪورسڪ ۾ موجود يوڪريني فوجين جو ڇا ٿيندو؟ ڇا اهي هٿيار ڦٽا ڪندا يا روس اڳيان پيش پوندا؟ روس سمورن محاذن تي جنگ روڪڻ جو خواهشمند آهي، ان مان روس جي مشڪلاتن کي به سمجهي سگهجي ٿو.

صدر پيوٽن هي به چوي ٿو ته، جنگبنديءَ ۾ ڪجهه مشڪلاتون آهن، جن تي ڳالهائڻ جي ضرورت آهي. ان حوالي سان هو آمريڪين سان ڳالهائيندا. پيوٽن جا هي ٽي شرط سامهون آيا آهن:

1_ ڪورسڪ ۾ يوڪريني فوج جي صورتحال ڪهڙي هوندي؟ اطلاعن مطابق روسي فوج 11 سئو مان 425 چورس ميل جو علائقو واپس وٺي چڪي آهي.

2_ ڇا يوڪرين جنگبنديءَ دوران فوجي ڀرتي ڪندو ۽ نوان هٿيار وصول ڪندو؟ ۽

3_ جنگبنديءَ جي نگراني ڪير ڪندو؟ اها نگراني ڪيئن ڪئي ويندي؟ ڪير ان ڳالهه کي يقيني بڻائيندو ته ٻئي ڌريون ٺاهه تي عمل ڪري رهيون آهن؟ ان سان گڏ ڪير جنگبندي ختم ڪرڻ جو حڪم ڏيندو؟ پيوٽن جي ان بيان کانپوءِ ٽرمپ جو خاص ايلچي اسٽيوونٽڪوف روس پهتو، ته جيئن صدر پيوٽن ۽ ٻين عملدارن سان معاملا طئي ڪري سگهجن. ماهرن جو خيال آهي ته، روس جي مشڪلاتن کي سامهون رکندي صدر ٽرمپ روس جي لاڳو ڪيل شرطن کي قبول ڪري وٺندو ۽ يوڪرين لاءِ روسي موقف کي تسليم ڪرڻ کانسواءِ ڪو ٻيو گس نه بچندو. آمريڪا هيل تائين روسي تيل ۽ گيس تي پابنديون لاڳو ڪري چڪو آهي ته جيئن دنيا جو ڪوبه ملڪ ان کان تيل خريد نه ڪري سگهي يا ان جون ادائيگيون مشڪل بڻايون وڃن.

يوڪرين جي جنگ رڳو مالي لحاظ کان جاري رکڻ ممڪن ناهي، پر فوجي لحاظ کان به اها مهانگي آهي، جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جا هزارين جوان مارجي چڪا آهن. اهي اطلاع به آهن ته جنگ ۾ روس جا 95 هزار فوجي ماريا ويا آهن، ۽ يوڪرين وري 43 هزار جوانن جي مارجڻ جي تصديق ڪئي آهي. اولهه جي تجزئي نگارن جو خيال آهي ته يوڪرين جا ظاهر ڪيل انگ اکرن کان وڌيڪ ان جا فوجي ماريا ويا آهن. روس به اهو نه ٻڌايو آهي ته، ان جا ڪيترا جوان جنگ جو کاڄ ٿيا آهن؟

هن جنگ ۾ يوڪرين جو وڏو نقصان يورپ ۽ آمريڪا اڳيان خودمختياريءَ جو سودو ڪرڻ آهي. ان سان گڏ ملڪ جي عزت به داءَ تي لڳائي وئي. هينئر هيءُ يورپ جو هڪ اهڙو ملڪ آهي، جتي جمهوري صدر ناهي ۽ جنگ دوران صدر اقتدار تي قابض آهي. جيڪڏهن يوڪرين ۾ صدارتي چونڊ ٿي ته زيلنسڪي گهر پيڙو ٿي ويندو. ■